سنت مالا
١٥٩١ - ١٥٩٦

آڪٽوبر - نومبر - ڊسمبر - ٠٧

جنم دن: سنديش



ساڌو واسواڻي

١٥ رپيا

واسواڻ

وشيہ سوُچِي

	پرستاونا	١
	مسکين دل کي قابو کر (پرارٿنا)	٩
١.	محبوب جي صورت ۾	١١
٢.	پردہ نشين	١٨
٣.	سپ وِڄائي ساز	٢٥
٤.	هر ڪا هيرا	٣٠
٥.	لاهوُتين سان	٣٥
٦.	نام نہ وساريو	٤١
٧.	ٻيا سپ ساز وِسار!	٤٩
٨.	نئين سنڌ ۽ نئون پارٽ	٥٣
٩.	اَلا! ٻتيون پپيون وِسامن	٦٢
١٠.	هتان هلندين هيڪلو	٧٠
١١.	اُت جاڳہ چوڪيدار	٧٤
١٢.	ڏيوا ڏيوا ڏيڻ سکو	٧٩
١٣.	گُل سوُنهاري جو آواز	٨٥

سمرپن

گرديو

جي ڪمل قدمن ۾!

پرستاونا

اَڄوڪو منهنجي جنم جو ڏينهن منهنجي واسطي ٽن ڳالهين واسطي آهي:-

(۱) پهرين ڳالهه ''شڪرانا! شڪرانا! شڪرانا!''
A day of thanksgiving. سائينءَ جا شڪرانا! ۽ وري وري منهنجي اَندر اِهو اَڪر پيو اَچي:- ''شڪرانا!''

(۲) ٻي ڳالهه ته اَڄوڪي ڏينهن پنهنجي اَندر وڃڪ وڃان؛ ۽ اَندر وڃي پنهنجو اِمتحان وٺان: اِمتحان وٺي پاڻ کي وڌيڪ پوتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان.

(A day of self-examination and self-purification)

ڪيترا دفعا نه وري وري ڪم ڪار ۾ آدرش کان پري رهيو آهيان. سائينءَ در اَتم هيءَ پرارٿنا:- ''منهنجا ناٿ! بديون منهنجون بخش تون! گناهن جي ڳنڙي جلاءِ!''

(۳) ٽين ڳالهه ڪهڙي؟ اَڄوڪي ڏينهن مان وري پنهنجي جيون، پنهنجي زندگي، سڄو جيون، سڄي زندگي پنهنجي پياري شيام جي شيوا ۾ اَرپڻ ڪريان.

This be a day of dedication, re-dedication.

مون کي آسيس ڏيو! منهنجي زندگيءَ جي نماشام آهي:

Editor : Shri A.M. Vaswani (Phone: 40064447)
Published by: Sadhu Vaswani Mission
Owned by: Sadhu Vaswani Mission
at 10, Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001
Typeset & Printed By S. P. Shahani at
WAHGURU ENTERPRISES
B-9 Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk,
Pune -411 001. Phone: 26050755

آتما پرڪاش ٿئي!

اوهان مونکي ڳوتڙي ڏني آهي. اوهانجي مهرباني. ١٢ هزار ۽ ڪجهه وڌيڪ رپيا اوهان مونکي ڏنا آهن. ١٢ هزار اوهان وٽان آهن ١٢ هزار مهرون! چو تہ مونکي خبر آهي تہ ڪيڏي نہ قرب ۾ هڪ هڪ پائي، هڪ هڪ پيڻ ڏني آهي. مهرون اَوهان جون، محبت جون مهرون، پيار جون مهرون ڪيڏو نہ خزانو آهن! مان وري بہ اوهان جي چرنن ۾ سر جهڪايان ٿو.

مونکي چو ڏنيون اَٿو؟ سنڌين جي ڀلي واسطي. هن وقت سنڌي ڏتريل آهن. هن وقت سنڌي ڀائر ۽ ڀينر ڪيترا، ڪيتريون، غريب آهن. ڇڏي ملڪيتون ۽ مال هند ۾ آيا آهن. ڪيترن کي اَجهو ڪونهي، ڪيترن کي پورو ڪاڌو ڪونهي، اُنهن سڀن جي سنڀال ٿيڻ گهرجي! منهنجي اَکين ۾ هڪ سپنو آهي! اِهو سپنو جيڪر سڦل ڪريو! جيڪڏهن هڪ ڪروڙ رپيا ڪنا ٿي سگهن تہ ڪن غريبن دکين واسطي اَجها ٺهن ۽ ڪجهه پرٻنڌ سنڌن ڪاڌي پيتي واسطي ٿئي. اِڪ ڪروڙ رپين جو سينٽرل فنڊ ٿئي. هڪ ڪروڙ رپيا ڪٺا ڪنا ٿين؟ هڪ سؤ ڀائر ڀينر ڪپن، هڪ سؤ يونٽ (Units)، هڪ هڪ لک رپيا ڏئي. هڪ يونٽ، هڪ لک رپين جي جوابداري مان پاڻ تي کڻڻ لاءِ تيار آهيان. بمبئيءَ ۾ ڪيترا شاهوڪار آهن: ڀارت جي ٻين ڀاڱن ۾ بہ شاهوڪار آهن. هڪ ڪروڙ رپيا ڪنا ٿي سگهن ٿا. پر اِهو ڪم ڪير ڪري؟ منهنجو پيارو شيام! ڀائرن ۽ ڀينرن کي دک ۾ ڏسان تہ منهنجون اکيون اَڇي روئڻ ۾ ڇتڪن. پيارا ڀائرو! منهنجو ڀينرون! نئين سنڌ توهانکي ٺاهڻي آهي: اِها نئين جماعت، نئين سنگت، نئين پنگت ڪٺي نهي؟ پئسن جي

جڏهن هن منهنجي جيون جي سڄ لهي ٿو، هن وقت مون کي آسيس ڏيو تہ منهنجي زندگي وڏيڪ وڏيڪ شيام جي ڪمل چرنن ۾، سنتن جي شيوا ۾ اَرپن ٿئي، خرچ ٿئي!

اَوهان مونکي بيشڪ، پنهنجو پيار ڏنو آهي: پر اَوهان اَڄا مونکي سڃاتو ڪونهي. اَوهان مونکي وري پيار، قرب ڏنو آهي، پر اَڄا اَوهانکي پوري پروڙ ڪانهي. مان جيڪي آهيان، اُنجو فقط هڪ ڀاڱو توهين ڏسو ٿا؛ ٻيو لڪل آهي. اِن لڪل ڀاڱي جي اَوهانکي خبر ڪانهي.

اَوهان مان هڪ هڪ جي جيون جا ٻہ، منهنجي جيون وانگر، ٽي ڀاڱا آهن. پهريون ڀاڱو پڌرو آهي،- وهنواري جيون. ڪيئن مان توهان سان ملان ٿو، ڪيئن ٿو ڳالهايان: اِها هڪ جيون، پر ٻي لڪل جيون بہ آهي. هڪ ڀاڱو توهين ڏسو وينا. پر جيون جو ٻيو ڀاڱو آهي، جو مان سپنن ۾ گذاريان ٿو. سپنن ۾ ڪئن آهيان، ڪئن ٿو وقت گذاريان، اُن جي خبر اَوهانکي ڪانهي.

پر جيون جو ٽيون ڀاڱو بہ آهي. ٽيون ڀاڱو ڪهڙو؟ شڌ آتما، جو روحاني دنيا ۾ نواس ڪري ٿو. ڪي ڪلاڪ اَچي اوهان اڳيان ڪم ڪار ڪريان ٿو: پر ٻيو وقت جو روحاني دنيا ۾ مان رهان ٿو،- روحاني دنيا ۾، جت منهنجي شڌ آتما آهي، اَوهانکان لڪل آهہ. اُهو اَوهين نٿا ڏسو. شل هيءُ شڌ آتما ڪمن ڪارين ۾ پرڪاش ٿئي! هيءُ اَوهانکي ملڻ، اَوهان سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ، شل اِنهن سڀن ۾ منهنجي شڌ آتما پرڪاش ٿئي! شل هيءُ روز بروز جو ڪم ڪار شڌ آتما کي ئي پرڪاش ڪري، ۽ شل اَوهان سڀن تي اهڙي آسيس ٿئي جو اَوهانجي روزبروز جي ڪم ڪار ۾ بہ شڌ

(Camps) ۾ رهن ٿا. ۽ ڪيترا سفيد پوش گهر آهن، جي ڪئمپن کان ٻاهر آهن. پر اَلائي ڪئن ٿا رهن؟ تن واسطي بہ پئسو خرچ ڪرڻ ضروري آهي. سيارو شروع ٿيو آهي. سياري جي سيءَ ۾ منهنجا ڀائر ۽ ڀينرون ڪيئن ٿا گذارين؟ ڪيترن کي ڪمبل ڪونهن، بسترو ڪونهي: اَلائي ويچارا ڪئن ٿا راتيون گذارين؟

شل اوهان مان ڪي شاهوڪار، تن جي دلين اَندر هنن لاءِ ڏک درد پيدا ٿئي! ۽ هن ڀوتڙيءَ مان ڪي پئسا اِنهن غريبن ڏکين جي شيوا ۾ خرچ ڪرڻ ٿو چاهيان. ڪپڙا ۽ اَن ضروري آهن. شاسترن جي سکيا موجب وستر دان، اَن دان ۽ وديا دان: اِهي ٽي ضروري آهن.

(٣) ٽين ڳالهہ ڪهڙي؟ مان ڏسان ٿو تہ منهنجا ڀائر وڃن ٿا ڪمزور ٿيندا. مان شڪرگذار آهيان هن ستسنگہ جو، جنهن ستسنگہ جي سهاري هيٺ بہ ننڍڙيون اِسپتالون کوليون ويون آهن تہ ڪن ڀائرن ڀينرن کي خرچ بنا دوائون ملن. منهنجو ويچار آهي تہ اِن ڀوتڙيءَ مان هڪ حصو مان اِنهن اِسپتالن کي ڏيان تہ غريب ڀائر ڀينر، جنکي دوائن لاءِ پئسو ڪونهي، تنکي سهايتا ملي. ڏسو ڪئن نہ سلهہ جي مرض ۾ وڃن ٿا ڀائر ڀينر ڪِرندا. ڏسو ڪيترا نہ آهن جنکي پئسو ڪونهي جو ڊاڪٽر گهرائين.

(٤) چوٿون ڪم ڪهڙو؟ منهنجي خيال ۾ تہ اِهو مکيہ ڪم آهي. چوٿون ڪم، مکيہ ڪم، منهنجي خيال موجب آهي ”نام“، سنتن جي ”ٻاڻي“. هن وقت سنتن جي ٻاڻِي کپي، جا دلين کي آٿت ڏئي. هن وقت کپي سنتن جي ٻاڻي، جا گهر گهر ۾ اُچارين، ۽ هن ڏکہ جي وقت سنتن جي ٻاڻي، اُچاري اُچاري، دلين کي

مدد ڪبي. سا ڪئن ملي؟ جڏهن وايو منڊل نئون ٿئي. تنهن لاءِ ڪن ڳالهين جي ضرورت آهي:-

(۱) پهرين ڳالهه هيءَ ته هڪ ڏينهن مقرر ڪريو، - All Sind Day. هڪ ڏينهن سال ۾ جڏهين توهين جدا جدا شهرن ۽ نگرن مان هڪ هنڌ ڪٺا ٿيو. هڪ ڏينهن سال ۾ سنڌ ڪانفرنس (Sind Conference) ڪوٺايو: اُت ويچار ڪريو ته ڪئن پئسو ڪٺو ڪجي ۽ ڪئن ڀائرن ڀينرن جي مدد ڪجي؟

(۲) ٻي ڳالهه ڪهڙي؟ اَوهين سنڌ ۾ ملڪيتون ڇڏي آيا آهيو. پر اِڪ ملڪيت اَوهان نه ڇڏي آهي. سنڌ جي شاعرن، فقيرن جو خزانو اَوهين ڇڏي ڪين آيا آهيو. ضروري آهي تنهن ڪري ته ڪي ڏينهن مقرر ڪريو، جن ڏينهن تي سال به سال توهين پنهنجن پيارن ڪي ياد ڪريو ۽ اُنهن جي باڻي پڙهو. اِڪ ڏينهن مقرر ڪريو شاه عبداللطيف جي يادگيريءَ ۾، ٻيو ڏينهن رکو سامي پياري جي يادگيريءَ ۾، ٽيون ڪنهن جو ڏينهن؟ ساڌو هيرانند، جو سچو وير هو، سچو سورمو، پريوءَ جو ڀڳت هو: سندس دل ۾ هو درد دکين واسطي. اُنجي ياد ۾ به اِڪ ڏينهن رکو. ٻيا به ڪيترا سنڌ ۾ آهن فقير، درويش، تن جي ياد ۾ به هڪ يا ٻه يا ٽي يا چار ڏينهن رکو. پر ضرور يادگيريءَ جا ڪي ڏينهن رکو!

هيءَ ڳوٿڙي ۱۲ هزار رپين جي توهان مونکي ڏني آهي. اِهي ۱۲ هزار هينين ڪمن ۾ خرچ ٿيندا:-

(۱) هڪ ڪم وديا جو. غريب شاگردن ڪي وديا ملڻ ڪبي. سچي وديا ملڻ ڪبي. نئين وديا جي ضرورت آهي.

(۲) پر ٻيو ڪم ڪهڙو؟ ڪيترا نه غريب ڀائر ڀينرون ڪئمپن

سنڌي ڀائرو ۽ ڀينرون چئو:- ”اَسين هڪ آهيون! اَسين سنڌيِ هڪ آهيون.“ اوهانکي خبر ناهي تہ ڪيترا، جي سنڌي ڪونهن، سي اوهان تي ڪلن تا. چون ٿيا تہ ”سنڌين ۾ ايڪتا آهيئي ڪانہ.“ پر ايڪتا اِينديِ جڏهن اوهان جي دلين اَندر قرب اِيندو، پيار اِيندو تنهنڪري ٽي دروازا کلڻ کپن:-

(١) پهريون دروازو پڇتاءَ جو. پنهنجا ڏوہ، پنهنجا گناہ، تن جو اَڇو تہ پڇتاءُ ڪريون.

(٢) ٻيو دروازو قرب جو.

(٣) دروازو ايڪتا جو. ايڪتا اِينديِ، جڏهين پيار اِيندو؛ تڏهين سمجهنداسين تہ اَسين هڪ آهيون!

اَوهان مونکي رپين جي ڳوٿڙي ڏني آهي. اوهانجيِ مهرباني، پر مونکي وڏيڪ کپي. رپين کان وڏيڪ آهي هڪ ٻيِ شيءِ جا مونکي کپي. سا آهي شيوا، سنگت جي شيوا. سنگت جي شيوا ڪريو، پنگت جي شيوا ڪريو، سنڌيِ ڀائرن ڀينرن جي شيوا ڪريو!

هن وقت منهنجي جيون جي نماشام آهي: منهنجي زندگيءَ جو سج لهي پيو! ٻيڙيِ منهنجي آهہ ڀاٽيءَ ۾! ٻيڙي منهنجي تيار ٿي بيٺي آهي ۽ آنءُ ٻڌان پيو پري کان پکين جا راڳہ، پوُربندر جي پکين جا گيت مان ٻڌان پيو. منهنجي جيون جي نماشام! هِت اَوهان وٽ اَچا گهڻو وقت آهيان؟

اوهانکي اڄوڪي ڏينهن فقط هيءُ پيغام ڏيڻ ٿو چاهيان، گيتا جي نرمل اکرن ۾ اِڪ پيغام:- ”اُتشت! جاڳرت!“ ”اُٿو! جاڳو!“ يهہ گهڙيِ، يهہ هيِ ويلا. اُتشت! جاڳرت! اِڪ اِڪ ڀاءُ، اِڪ اِڪ ڀيڻ جي هردي اَندر اِهو آواز، اِها پڪار، اِهو اِڪ گيتا جو

آئت ڏين: سنتن جي باڻيءِ، گيتا جي باڻيءِ، گرباڻيءِ، وڏيڪ ونرن جي روپ ۾، ڪتابن جي روپ ۾ گهر گهر ۾ وجڻ کپي. موکي ياد آيا اکر اسان جي پياري شاعر سنت جا، ساميءِ جن جا اکر:-

''مانڪ ديهي اُتم، ڪنهن پاتي پوُرن پن تي!

ساميءِ چئي تنهن جو، رکج من مرم.''

اگين پکن ڪري توکي مانڪ ديهي ملي آهه: اِن مانڪ ديهيءَ جو مرم رک تون پيارا! نہ وسار تہ مانڪ ديهي آهي پيچ ڪاريءِ ڪمن واسطي.

''اَلبئي بي قيمت جو، هڪڙو دم.''

هڪ هڪ دم اَلبئي بي قيمت؛ اُن جو ملهہ ڪونهي.

''جڏي ڪليت ڪم، جاڳي جيہ نام کي.''

ڪم ڪريو. پر اسان جي ڪمن ۾ وڪار آهن، رشوت آهي، دغا آهي. اِهي ڪم آهن ''ڪليت'' ڪم: پر بيا ڪم آهن، ''ست'' ڪرم.

اِها يادگيري، سنت باڻيءِ اُتاري تي. مان چاهيان ٿو تہ سنت باڻيءَ جو پرچار وڏيڪ ٿئي.

اِهو ڪم ڪئن ٿئي؟ سچي وديا ڪئن ملي؟ سنت باڻيءَ جو پرچار ڪئن ٿئي؟ غريبن دکين کي کاڌو، ڪپڙو، اَجهو ڪئن ملي؟ بنياد اُتو ايڪتا. اَفسوس! هن وقت منهنجن سنڌي پائرن پينرن ۾ ايڪتا ڪانهي. هڪ تي وجوا چڏيو هيءُ وهم، هيءِ خفتي خيال تہ هيءُ حيدرآباديءِ، هيءُ ساکرو، هيءُ روهڙيءَ وارو، هيءُ لاڙڪاڻي وارو. چڏيو اِهي خيال. اُوهين سڀ هڪ آهيو! منهنجا

مسڪين دل کي قابوُ ڪر!

(دادا جيِ پرارٿنا)

سچا ستگر! موري ناڪر! موري پريتم! اَتم سِڪ، سوُٺهن وارا! سڪ اَتم تو لئہ تہ ستگروا اَڄ سياڳي ڏينهڙي مون کي سانت سيڪار! ستگروا جي دل ڏين توکي، سي چپن سان ڇا چون؟ منهنجيِ دل تون قابوُ ڪر!

آسيس ڪر اَهڙيِ، اَجوڪي ڏينهڙي، جو منهنجي اَندر ۾ اَچي سانت: اَجوڪي ڏينهن منهنجي ڪمن ۾، اکرن ۾ اَچي نئين شڪتيِ: هن مسڪين جي دل کي قابوُ ڪر!

من جي چنچلتا جيسنائين نہ وڃي، اوستائين لڪل لعل ڪٿان ملي؟ وڃڻ ٿو چاهيان اَندر ساگر ۾. اَندر ۾ آهي سڪ جو سمندر، تنهن سڪ جي ساگر ۾ ٽبي ڏيڻ ٿو چاهيان. ٽبي ڏيئي لڪل لعل وٺڻ ٿو چاهيان. سانت ۾ اَچي تون دلڙي قابوُ ڪر!

جڏهن اَچين تون، پريم پريون اَکيون کڻي اَچين پردي جي اَندر، منهنجا ڪانڌ پيارا اَچين تون تہ ڪجهہ نہ چوين. وٺو نهارين، نينهن پريل نيڻن سان وٺو نهارين. ڪجهہ نا چوين، ويهي سانت ۾ آسيس ڪرين! سانت ۾ ويهي جادو لڳائين. هيءَ اَٿيئي منهنجي پرارٿنا تہ سانت ۾ اَچ تون گهر منهنجي: محبوب

گيت جيڪر مان آڻيان:- ”اُتشت! جاڳرت! اُٿو! جاڳو!“

اَڄوڪي ڏينهن وري وري مون دل جي اندر اُچاريا آهن اِڪ سنڌيءَ جا اَکر: هي پيارو سنڌي وزير هو؛ پر وزيري ڇڏي ٿو. ڇڏي ٿو وزيري: پائي ٿو فقيري. هن پياري جو نالو وليرام. وليرام سياڻو؛ جو ته هو وزير، پوءِ ٿيو فقير. وليرام سياڻو، جو ته سڀ ڪجهه اَرپڻ ڪيائين پريوءَ جي چرنن ۾. هن پياري جي هڪ گيت مان ڪي اکر مون وري وري پئي اُچاريا آهن:-

”جاڳ جاڳ من! نيند نه ڪريئي،
اَب تو روشن هويا ري!
لاکہ لاکہ کي گهڙي جات هئہ،
پايہ پلنگ ڪيون سويا ري؟“

جيڪر هن هڪ زبان بدران مونکي ڏهه زبانون هجن، ته اِنهن ڏهن ئي زبانن سان، هڪ هڪ زبان سان پڪاريان، هن پياري سنڌي شاعر جا اکر:-

”جاڳ جاڳ من! نيند نه ڪريئي،
اَب تو روشن هويا ري!
لاکہ لاکہ کي گهڙي جات هئہ،
پايہ پلنگ ڪيون سويا ري؟“

واسواڻي

(١)

محبُوب جي صوُرت ۾!

اَوهان سين جي چرنن ۾ سِر جُهڪايان ٿو ۽ اَوهان سين جي آسيس، - پائرن پينرن جي آسيس، ننڍن وڏن جي آسيس، نؤجوانن ۽ ٻالڪين جي آسيس پنان ٿو! هڪ ڀيو اڪر ٻه چوڻ ٿو چاهيان. جيڪڏهن اَوهان مان ڪنهن کي ٻه ڪنهن وقت مون کو رنج ڏنو هجي، ڪنهن سان ڪو کھڙو اکر ڳالهايو هجي، جيڪڏهن ڪنهن ٻه پاءُ يا پيڻ سان پوري هلت نه ڪئي هجي، ته اَدب ۽ پڇتاوَ جا هٿڙا ٻڌي، مان معافي گهران ٿو: ڏيو معافي!

اَوهان منهنجو ڪيڏو نه مانُ رکيو آهه! هيءَ ڳوتڙي مونکي پيتا ڪري ڏيو ٿا: اِن پيتا ۾ ڪيڏو نه قرب وجهو ٿا. هيءَ پيتا آهه قربانيءَ جي پيتا! قرباني ڇا آهه؟ قرباني اکر جي معني ڇا آهه؟ قرباني معني قرب + آني، - جا شئه اَچي ٿي قرب منجهان، اُها آهه ”قرباني“. سچي قرباني آهه قرب جي، پيار جي ٻالڪي. اَوهان هن ڳوتڙيءَ ۾ پنهنجو نرمل پيار اوتيو آهه. مونکي خبر آهه ته مان نالائق آهيان. پر هن نالائق کي اَوهين وڌيڪ وڌيڪ پيار ڏيئي، وڌيڪ لائق ڪندا وڃو ٿا.

منهنجي دل جا! مون کي جادوُ لڳاءِ! هيءُ مسڪين دل قابوُ ڪر!
منهنجا پريتم! روُح جا راڻا! اَجوڪي ڏينهن ٻيا خوشيون، جشن ڪن، پر مون تي اِها آسيس ڪر ته اَڄ منهنجي اکين ۾ اَڇن ڳوڙها وري وري؛ مون تي هيءُ آسيس ڪر ته اکين ۾ اَچي برهم جو پاڻي، درد جو پاڻي، فرياد فڪر جو پاڻي: اکين مان ڳوڙها وهي ڳالهيان: سانت ۾ نهاريان تو ڏانهن! مسڪين دل تون قابوُ ڪر!
سوُنهن تنهنجي بنا ٻيو ڪُجهه به ڪين ڏسان. ڏسان چنڊ ۾، تارن ۾، باغن ۾، گلن ۾، ٻالڪن جي اکين ۾ سوُنهن تنهنجي، فقط سوُنهن تنهنجي ونو ڏسان. پائرن ۽ پينرن ۾ سوُنهن تنهنجي. اَهڙي حالت تو ڪئي آهه منهنجي. پريشان ڪيو اَٿيئي، حيران ڪيو اَٿيئي، اکين ۾ اِنتظاري! دردن جو دان ڏنو اَٿيئي، دل کي ڳهو اَٿيئي، تو جوڙيو آهي پنهنجي نام جو تيرا هن ڳهل دل کي سچو ڪر! مسڪينن دل کي قابوُ ڪر!
آسيس ڪر! هيءُ ستسنگ آهه تنهنجو ننڍو نماڻو. آسيس تنهنجي شل اَچي ننڍن نماڻن تي. گوڙ شور ڪان پري رکه! آسيس ڪر ته جيڪي هت اَچن، شل تن جون دليون ڳڄن ڳڄتي ڀاوَ ۾، شل تن جون دليون ڳڄن مسڪينن جي شيوا ۾! ستگروا هيءَ اَرداس منهنجي! آسيس ڪر! اَسان جون دليون قابوُ ڪر! قابوُ ڪر!

''اِيشا واسيم سَروَم اِدم
تينہ تيڪتينہ پُنجيٿا.''

اِنهن اکرن جو مطلب ڇا آهہ؟ ''اِيشا واسيم سَروَم اِدم'': هي جيڪي آهہ، اَوهانجي آسپاس آهہ، سو اَٿو اِيشور جو وستر، پرڀوءَ جو چولو. ڇڏيو، ڇڏڻ سکو تہ پوءِ توهان کي سچو آنند ملي.'' جڏهن ڇڏيندا، تڏهن سچو سکہ توهان کي ملندو. سچو سکہ، اُن جو بنياد آهہ ڇڏڻ. سچو سکہ اُن کي ملي ٿو، جو ڇڏڻ سکي ٿو.

اُن ڏينهن کان وٺي منهنجي دل جي اَندر پياس اُٿي ۽ پياس وڌي تہ مان ڇڏڻ سکان. اِهو آدرش ڇڏڻ جو، اُن سان مان هميشهہ سچو نہ رهيو آهيان. وڏيڪ وڏيڪ ڇڏڻ مونکي سکڻ کپي. پر منهنجي جيون ۾ هي سوُتر اُپنشد جو، هن اُپنشد جو سوُتر جي هيءَ سکيا منهنجي جيون ۾ گهڙِي ويئي ۽ مون ڪوشش ڪئي آهہ وڌيڪ وڌيڪ منهنجِي زندگِي ڇڏڻ جو روُپ ٺئي: ڇڏڻ سکان! پئسو پدارٿ ڇڏيان، مانُ شانُ ڇڏيان، دنيا جا مزا ڇڏيان، محفلون ڇڏيان، سنسار جو سکہ، پدارٿن جو سکہ ڇڏيان. ڇڏيان تہ مونکي اُهو نج سکہ ملي، جنهن جو ذڪر هن ننڍڙي اُپنشد ۾ آهہ. دنيا کي ڇڏي شل آتم کي پايان! منهنجِي سڄي جيون ٿورن اکرن ۾ اِها اَٿو. جيڪڏهن ڪو پيارو ڀاءُ يا پياري ڀيڻ مون کان سوال پڇي تہ ''تنهنجي جيون جو مقصد، تنهنجي جيون جو aspiration، تنهنجي جيون جو بنياد (foundation) ٿورن اکرن ۾ ڇا آهہ؟'' تہ اُهي ٿورا اکر هي اَٿو:- ''سنسار جا سکہ ڇڏي، شل نج سکہ اِڪ ڏينهن پايان! نج سکہ، نج گهر جو سکہ، ستيہ لوڪ جو سکہ، آتما جو سکہ شل پايان!''

اَجوڪي ڏينهن منهنجي دل جي اَندر اُتن ٿيون يادگيريون، ڪيتريون نہ يادگيريون! ۽ منهنجون اکيون آليون ٿين ٿيون. هن وقت اِئين ماں سمجهان پيو تہ ڪناري تي ويٺو آهيان؛ درياه جي ڪناري تي! اُت بيٺي آهہ ٻيڙي،- ٻاجهہ جي ٻيڙي! مان ڏسان پيو ۽ وري وري ٻُڌان پيو آواز:- ”آجا! پيارا! آجا!“ ۽ منهنجي دل اَندر وري وري اُٿي پيئي پرارٿنا:- ”ٻيڙيءَ وارا! پار لنگهائج! پنهنجي ٻاجهہ ۾، پنهنجي لطف ۾، ٻيڙيءَ وارا! پار لنگهائج!“

اَجوڪي ڏينهن جيڪر سائينءَ جو رحم ياد ڪري پڪاريون:- ”شڪرانا! شڪرانا! شڪرانا! مُنيءَ جو مالڪ تون! هي خالق! هي سچا سائين منهنجا! اِڪ تون منهنجو رهبر! اِڪ تون، اِڪ تون ئي تون! شڪرانا! شڪرانا! شڪرانا!

هڪ ڳالهہ ننڍپڻ کان وٺي منهنجي جيون تي اَثر ڪيو. مان عمر ۾ ننڍو هوس. اسڪول ۾ پڙهندو هوس. اوچتو ئي اوچتو اِڪ ڏينهن هڪ شاستر ڏٺم، اِڪ عجيب شاستر! سين اُپنشدن ۾ ننڍڙو اُپنشد، اُن جو درشن مون ڪيو. اِهو ننڍڙو پستڪ ڪولي مون ڪهڙا اکر پڙهيا؟ سنسڪرت ٻوليءَ ۾ اِهي اکر مون پڙهيا. تنهنکي ڪيترا نہ سال ٿيا!

حيدرآباد شهر جي اِڪ ڪند ۾ ويٺو آهيان ۽ اِهو شاستر کولي مان ڪهڙا اکر پڙهان ٿو؟ عجيب اکر! ٿورا اکر! پر منهنجي دل اَندر گهڙي ويا. انهن اکرن جو وري وري ويهي مون ڌيان ڪيو ۽ انهن اکرن تي ٽيڪا اَنگريزيءَ ۾ لکڻ لڳس. ننڍڙا نماڻا اکر اِڪ رشيءَ جا پڙهيم: ۽ منهنجي دل اَندر ڪيڏو نہ اُمنگہ اُٿيو رشين جي سکيا واسطي! مون ڇا پڙهيو؟

ڪُنن ۾ ڪهڙو تنهنجو ڪم؟

تڏهن مون پڇيو: عمر ۾ ننڍو هوس: مون سوال پڇيو:- ”تڏهن منهنجو ڪم ڪهڙو آهه؟“ وري اُهو، جو منهنجو رکپال آهه، اُهو، جو منهنجو رهبر آهه، اُهو جنهن سنسار جي مشڪلاتن ۾ منهنجي سهايتا ڪئي وري وري، جنهن مون کي ڇڏيو ڪڏهن ڪين: اُن جو وري آواز آيو منهنجي دل جي اَندر. مون سوال پڇيو:- ”منهنجو ڪم ڪهڙو؟“ اِن سوال جو جواب مون کي آيو آهي:- ”پيارا! ڪم تنهنجو آهه هي هڪڙو تہ ساٿي ٿيءُ، شيوڪ ٿيءُ، خذمتگار ٿيءُ، نوڪر ٿيءُ دکين، دينن جو: تن جي شيوا ڪر! شيوا ڪري پريتم پاءِ!“

اُن ڏينهن کان وٺي منهنجي پرارٿنا پريوءَ در هيءَ ٿي آهہ:- ”پريو! مونکي نوڪر ڪري رکہ! نوڪريءَ کان مونکي نہ ڪڍ! غريبن دکين جو مونکي نوڪر ڪري رکہ!“

”ڪاري رات ڪُنن ۾، ڪهڙو تنهنجو ڪم؟“

وري اِڪ ٻئي ڏينهن جي يادگيري مونکي اَچي ٿي. مان پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ويٺو آهيان. مٽيءَ جي گهر ۾، اِڪ ننڍڙي ڪوٺيءَ ۾ ويٺو آهيان. ويٺو ويچار ڪريان:- ”سنسار ڇا آهہ؟ دنيا ڇا آهہ؟“

اُن وقت وري مونکي ڪهڙو ويچار آيو؟ دنيا اِڪ ”دلبو“ اَٽيئي. دنيا اَٽيئي ديکا ديکي.

مان اِڪ بنيءَ ۾ ويو هوس. اُت ڏٺم تہ اِڪ ڪوڙو پکي ناهي رکيائون،- ڪکن جو پکي. اُن پکيءَ کي ڏسي ٻيا پکي پئي آيا. ويچارا اَچي اَڙيا. سمجهائون سچو پکي آهہ. ۽ مون پنهنجي من

اَڄ وري پنهنجي جيون، زندگيءَ جو ويچار ويني ڪيم ۽ مونکي اِڪ فقير جا اکر ياد آيا. انهن اکرن جو وِري وِرِي مون ڏيان ڪيو آهي:-

”متان ڳهڙين نوُرِي، وڃ درياهه ۾ هڪ بہ دم:
ڪارِي رات ڪُنن ۾، ڪهڙو تنهنجو ڪم؟“

ننڍپڻ ۾ مونکي چيائون، ڪيترو نہ چيائون! ۽ وري جڏهن MA جو اِمتحان پاس ڪيم تہ مون تي ڪيڏو نہ زور رکيائون تہ ”هاڻي شادي ڪر ۽ گرهست ۾ ڳهڙ. بين وانگر تي ره. توکي وڏو عهدو مليو آهي؛ تون دنيا جون خوشيون ماڻ: سنسار جو سکہ وٺ. تون شادِي ڪر.“

اِڪ غريب گهر ۾ منهنجو جنم ٿيو. منهنجو گهر مٽيءَ جو گهر هو. اِن مٽيءَ جي گهر ۾ اِڪ ننڍڙي ڪوٺي هئي. ۽ مون پنهنجي پيءُ ماءُ کي وينتي ڪئي تہ اِها ڪوٺي ڪرپا ڪري مون کي ڏيو تہ مان اُت وڃي سانت ۾ وهان. اِن ڪوٺيءَ ۾ مان وڃي وهندو هوس ۽ اُت ويهي ويچار ڪيم تہ هي منهنجا پيارا مون کي ڇا ٿا چون؟ چون ٿا:- ”گرهست ۾ ڳهڙ. شادِي ڪر!“ مون ويهي ويچار ڪيو ورِي ورِي ۽ سانت ۾ ويهي اَلائي ڪٿان منهنجي اَندر آيا اُهي اکر، جي مون پوءِ هن طرح لکيا:-

”متان ڳهڙين نوُرِي، وڃ درياهه ۾ هڪ بہ دم!“

هي سنسار درياهه اَٿيئي، سنسار ساگر: اِن ساگر ۾ نہ ڳهڙجانءِ! اِڪ دم بہ تون درياهه ۾ لڙهي نہ وڃجانءِ!

”ڪارِي رات ڪُنن ۾، ڪهڙو تنهنجو ڪم؟“

پيارا! ڪارِي رات اَٿيئي. هن درياهه ۾ ڪُن اَٿيئي. اِنهن

ڳوٺڙي، جا اَوهان ڏني آهه، اُن جي ورچ جئن مونکي چئو، تئن ڪريان. پر منهنجي دل جي اَندر اَتو اِڪ بي پياس. اُن پياس تي پنهنجي آسيس ڪريو. اَندر اَتم پياس تہ ”ڳُم ۾ ڳُم تي وڃان، اَڳم ۾ ڳم تي وڃان! پنهنجي محبوب، پنهنجي موهن، پنهنجي ڪرشن ۾، پنهنجي پياري، پنهنجي محبوب ۾ ڳم تي وڃان! ۽ نہ پوي ڪنهنکي پتو منهنجو!“

اِها آسيس اَڄ اَوهان گهران ٿو. اَڄوڪي ڏينهن اَوهان جي چرنن ۾ سِر جُهڪايان ٿو. اَوهان منهنجو ڪيڏو نہ مانُ رکيو آهہ! هيءَ ڳوٺڙي، توهان ڊاڪٽر هيرانند کي چيو تہ مونکي ڏي. مان هنکي کهڙي نظر سان ڏسان ٿو؟ مان دل ۾ چوندو آهيان تہ جيتوڻيڪ مون کان عمر ۾ ننڍو آهہ، پر منهنجو پوڄيہ دادا آهہ، پوڄيہ پتا. منهنجي دل جي اَندر هن واسطي جو قرب آهہ، پيار آهہ، جا محبت آهہ، اُن جي خبر توڙن کي آهہ. مان پيو سمجهان تہ هي پيارو منهنجو دادا آهہ، منهنجو پتا آهہ، منهنجو بابا!

هن پياري کي توهان چيو تہ مونکي ڳوٺڙي پيتا ۾ ڏي. توهان جون لکہ مهربانيون! ۽ ڊاڪٽر هيرانند جون مون تي ڪيڏيون نہ مهربانيون ٿيون آهن! سالن کان وٺي هن مونکي پيار ۾، قرب ۾، محبت ۾ رکيو آهہ ۽ اَڄ وڏيڪ مهرباني، وڏيڪ قرب مونکي ڏنو اَٿس، تنهن لئہ مان شڪر گذار آهيان، تهدل شڪر گذار!

شل سائين توهان سين تي آسيس ڪري! شل نہ وساريو! هن داس جي وينتي شل نہ وساريو! اَوهان سين جي چرنن ۾ هيءَ هڪڙي وينتي:- ”شل ڳُم تي وڃان! ڳُم تي وڃان! ڳُم تي وڃان اَڳم ۾! ڳم تي وڃان محبوب جي صورت ۾!“

کي سمجھايو تہ ھي جيڪي ڏسين ٿو، سو اَٿيئي ھڪ دلبو، ھڪ ڪکن جو پکي. تون سچو پکي ٿي،- ھنس! سچو پکي ٿي رہ!

اَھڙيءَ طرح ڪيتريون ڳالھيون نہ اَچي اَچ منھنجي دل جي اَندر ياد پيبون! جيڪر ڪريان، پر وقت ڪٿي؟ طاقت ڪٿي؟ لائقي ڪٿي؟ اِڪ فقير جي ہاٽي مون پڙھي: پر ڪيترا سال پوءِ. عجيب فقير ھو! وڏو زميندار ھو، جاگيردار ھو. اِڪ سياڳي ڏينھڙي اِن فقير جي دل اَندر اُٿي ٿي پڪار تہ مان پنھنجي سائينءَ کي ملان. پوءِ اِڪ گيت ڳائي ٿو: اُن گيت ۾ کھڙا نہ منا اکر چوي ٿو:-

''گُم ھوکي ويکہ نظارا آپ سارا
محبوب کي صوُرت ۾!''

''گم ٿي وڃ''. ھي فقير چوي ٿو:- ''گم ٿي وڃ پيارا! محبوب ۾: تہ پوءِ ڏسين نظارا، عجيب نظارا!

جڏن ھمنئر ڏينھن پنيان ڏينھن وڃي گذرندو، تڏن اَلائي ڇو مان وڃان پيو وساريندو. دنيا جا نظارا وسرندا وڃن پيا. جھونا دوستاڻي ناتا وڃن پيا وسرندا ۽ نوان نظارا منھنجي دل جي اَندر وڃن پيا کللندا.

مونکي يادگيري پيئي اَچ اِن فقير جي ہاٽيءَ جي:-

''گُم ھوکي ويکہ نظارا!''

اَوھان مونکي ھڪ لکہ ۽ وڏيڪ رپين جي پيتا ڏني آھہ. پرمنھنجي پياس بي آھہ. مان پيو چوان:- ''مان ڇا ڪريان؟ ھي لکہ ۽ وڏيڪ رپيا مان ڇا ڪريان؟ منھنجي دل جي پياس بي اُتو. منھنجي دل جي پڪار بي اَتو. اَوھان جا لکہ مان ڇا ڪريان؟ ھيءَ

جهلي، پنهنجي جيون سڦل ڪريان!

ڪي ڏينهن بيمار هوس: ڪيترا نہ آزمودا مون کي مليا آهن!

اِڪ رات مان ننڊ ۾ آهيان ۽ ننڊ ۾ مون کي سپنو اچي ٿو. اِن سپني ۾ مان ڇا ٿو ڏسان؟ ڏسان ٿو تہ اَلائي ڪير مون سان وينو گفتگو ڪري. ڪير؟ اِن سپني ۾ مون کي ڇا ٿو چوي؟ چوي ٿو:-

''خبر اَٿيئي تون ڪير آهين؟''

اِن سوال جو جواب مان ڪن اکرن ۾ ڏيان ٿو. ننڊ مان اُٿي اُهي اکر مون هن طرح لکيا:-

''پيئا! پيئا! تون پاڪ!

مان ڪير؟ مٽي، خاڪ!''

''پيئا'' معنيٰ ''پيارو'' (The Beloved). اُن ڏينهن کان وٺي مان وري وري ناڪر کي چوان''Beloved''. پيئا! پريتم! تون پاڪ آهين: مان خاڪ مٽيءَ جو پُتلو!

''هت آيس ٿي مزمان:

آ! مون تہ مليو سوُرن جو سامان!''

هت پرٿويءَ تي مان مزمان ٿي آيس: پر مون کي ڇا پئي مليو آهہ؟ قرب ڪيترن جو، پيار ڪيترن جو، آسيس ڪيترن جي: پر تن سان گڏ سوُرن جو سامان.

''گهڻا ڏينهن اَٿم هِت گهاريا،

قرب تنهنجا اَٿم ڪين وِساريا!''

ڪيترائي ڏينهن هت رهيو آهيان ۽ تنهنجو پيار ڪين وساريو اَٿم.

مون کي ''پياري'' وري هن طرح چيو:-

(٢)

پرده نِشين

اَڄوڪي ڏينهن ڪمزور سرير ۾ اُوهان جي اڳيان مان آهيان. اَڄ اُوهان کي ڇا چوان؟ اَڄوڪو اُپديش اُوهين شل منهنجي اکين ۾ پڙهو! نهاريو! نهاريو! هنن اکين ۾ نهاريو! ۽ شل هن دل جي پڪار ٻڌو!

اَڄ ٻيهر ٻيون اَکر اَٿم ”شڪرانا“! شڪرانا اُن سائينءَ جا، جنهن جي ڪرپا چمڪندي رهي ٿي. هرگز نہ لائق مان؛ پر سائينءَ جي ڪرپا ڪٿي نہ چمڪندي رهيئي!

جڏهن پنهنجي جيون جو ويچار ڪريان ٿو، تڏهن ڇا ٿو ڏسان؟ سائينءَ منهنجي زندگي هلائي آهي، قدم بہ قدم! اُن اچي وري وري مونکي نهاريو آهہ، دم بہ دم! اُن اِڪ جي ڪرپا منهنجي جيون کي جهلي بيٺي آهہ. شڪرانا! اُن سائينءَ جا شڪرانا!

ٻين ڪيترن جا شڪرانا، جن مونکي گهوٽڙيون ڏنيون آهن. ۵۰ هزار رپيا اوهان مونکي ڏنا آهن؛ مان سڀن جي چرنن ۾ سر جهڪايان ٿو ۽ وري پيو اِڪ اَکر اُچاريان:- ”شڪرانا!“ هن داس تي آسيس ڪريو تہ پريوءَ جي ڪرپا ۽ اُوهان جي قرب کي پختو

دن سوکڙي ڏيون، - ۵۰ هزار! هڪ هڪ پاءُ چوي ٿو: - ”۵۰ هزار ڏاڍي ڳري رقم آهي. اَلائي ڪٿي ڪري سگهون يا نہ. هنوقت پيارو داد بيمار آهي. اَلائي ۵۰ هزار ڪٿا ڪري سگهون يا نہ!“ اُن وقت منهنجي اندر گرڀاٽيءَ مان آواز آيو: -

”مانکہ ڪي ٽيڪ برتي سڀ جان،
ديوَن ڪئہ ايڪيءَ ڀڳوان!“

پوءِ مان پائرن کي چوڻ لڳس: - ”ڏيڻ وارو هڪ سائين آهي: توهين چو ٿا دلگير ٿيو؟“

مون کي ڪن پائرن چيو: - ”باقي ٿورا ڏينهن! ۽ هيلتائين اَسان کي صرف ٦ هزار مليا آهن.“

مان چوڻ لڳس: - ”سائينءَ جي هٿ ۾ سڀ ڪجھہ آهي. ڏئي، تہ بہ واه واه: جي نہ ڏئي، تہ بہ واه واه! ڏيڻ وارو سائين آهي. هي من! بندي تي نہ پاڙ!“ اَڄ اُوهان مونکي ۵۰ هزار ڏنا آهن: مان سمجهان ٿو تہ توهانکي اَڃا بہ وڌيڪ ملندا. ڏيڻ وارو سائين آهي. متان سائينءَ ۾ صدق گهٽ ڪريو!

هڪ ٻيو آزمودو! هڪ ڏينهن سانت ۾ مون ”پياري“ کان پڇيو: - ”پيارا! اَڄ تو مون کي ڪيڏي نہ آسيس ڏني آهہ! تنهنجو نالو ڇا؟

اِن سوال جو جواب منهنجي دل جي اَندر کهڙو اَچي ٿو؟ ”پرده نشين“. منهنجو پريتم پردا پائي اَسان کي اَچي آسيس ڏئي ٿو. پردا پائي منهنجو پيارو اچي ٿو جدا جدا روپن ۾. ڪيترا دفعا نہ ننڍو ٻالڪ ڏسي چوان: - ”هي تہ پريو آهي. ٻالڪ جو پردو پائي آيو آهي مون کي آسيس ڏيڻ!“ ”ڪڏهن ڪو فقير

''تون منهنجو آهين، منهنجو آهين!
پيار منجهان تون آيو آهين!
اَڄ تہ ويهون ويران ۾!
تڪل آهين؛ ويھہ اَچِي اَحسان ۾!''

ٻئي ڏينهن مونکي بيماري ٿئي ٿي. نند مان اُٿان ٿو: صبوح جو بيمار پوان ٿو ۽ اِئين سمجهڻ لڳان ٿو تہ ''ويران ۾ وهڻ'' جي معني آهہ ''بيماريءَ ۾ وڃڻ''. ''ويران'' ۾ وهان ٿو: لوڪن کان پري پري وڃي ''پريتم'' سان وهان ٿو. اَڪيلائيءَ ۾ روز، silence and solitude ۾ پنهنجي پريتم سان رهان ٿو. اِن بيماريءَ ۾ ڪئن نہ مون کي ''آزمودا'' وري وري اچن ٿا.

اِڪ ڏينهن بستري تي آهيان. سانت ۾ سمجهان ٿو تہ منهنجو پريتم منهنجي اَندر آهہ: مون کان پڇي ٿو:- ''لڳہ گرم؛ تپ اَٿيئي ڇا؟''

مان کيس چوان ٿو:- ''دنيا تَتَل آهي: تپ تہ اَٿم تنهنجو، چو تہ پياس اَٿم اِڪ تو واسطي!''

اِن ڪانپوءِ بيماريءَ جي بستري تي وري وري دل جي اَندر پيو ٻڌان اِڪ تڪ، اِڪ سٽ:-

''ڪهہ نانڪ پڇ هر منا!''

هي من! هريءَ کي نہ وسار! گروجن چون ٿا:- ''هي من! تون هريءَ کي پڇ. ڪيرتن ڪر!''

شل اَڄ هيِ گرباڻيءَ جا اکر پنهنجي دلين اَندر ڪٽي وڃو.

وري هڪ ٻئي ڏينهن جڏهن بستري تي آهيان تہ ٻڌان پيو تہ ڪئن نہ ڀائر ۽ ڀينرون ڪوشش ڪن پيا تہ دادا کي اسين جنم

جاڳي تيم ۽ مان بستري تان اُٿيس. پوءِ هن هٿ سان قلم هلايم. اُن وقت مون هينيان اَکر لکيا:-

(١)

اُٿ جاڳ، مسافر! جاڳ!
رات وڃي پيئي گذري: تارا اَٿيئي گم:
غفلت ڇوڙ، پيارا! ڇڏ گوندر غم:
ڇڏ ننڊ ندوري تہ کُلن تنهنجا ڀاڳ!

(٢)

اُٿ يار مسافر! جاڳ!
ٻڌ آ! وڃي پيو، وڃي پيو نغارو!
اَکيان کول! ڏس آهي ڪير، کُڙڪائي دئارو؟
در کول دل جو، تہ کلي تنهنجو ڀاڳ!

(٣)

تير تواسي! جاڳ مسافر! جاڳ!
هٿ ڇوڙ! در تنهنجي آهہ آيو ڪير؟
تنهنجو ساجن! تنهنجو راجن! پڪڙ تنادي پير!
خاڪ لڳا اَءِ خاڪي! جاڳ پياري جاڳ!

اَڄ وري وري مون دل جي اَندر هي اَکر پئي اُچاريا آهن:-
”خاڪ لڳاءِ اَءِ خاڪي!
جاڳ! پياري جاڳ!“

اَڄ جئن مان شڪرانا ڳايان ٿو، جئن نئڙت ۽ محبت ۾ اُوهان جي چرنن ۾ سر جهڪايان ٿو، تئن هڪ هڪ ڀاءُ، هڪ هڪ ڀيڻ، هڪ هڪ ننڍي وڏي کي، هڪ هڪ ٻالڪ، ٻالڪيءَ کي ٻگل اَکرن

ڏسان، چوان:- ”پرده نشين آهہ منهنجو پيارو.“ روز نزديڪ اَسان جي وڻ هيٺ اَچي وهي تو اِڪ سوُرداس: اِن سورداس کي ڏسان ۽ چوان:- ”منهنجو پريتم اِن روپ ۾ اَچي تو مون کي آسيس ڏيڻ واسطي!“ جدا جدا روپن ۾،- غريب ويچارا، مسڪين، دکي، تن جي روپن ۾ پريو اَچي اَسان کي آسيس ڏئي تو.

ستري ني مان ٻاڻ کي چوڻ لڳس تہ ”بيماريءَ ڪانپوءِ مون کي اوڻان وڌان ڪابہ رقم ملي تہ شل مان غريبن دکين کي نہ وساريان!“ اِهي دکي، غريب، سوُرداس، منڊا، ٽنڊا اَتو ”پردا“ منهنجي پريتم جا!

مون کي يادگيري پيئي: ڪنهن جي؟ اِڪ ستپرکہ جي. اِڪ تصوير مون ڏٺي آهي. اِن تصوير ۾ هن ستپرکہ جي نزديڪ ويٺا آهن ڪي دکي. ڪيڏي نہ پڌوي اُن ستپرکہ جي! هي ويچارا غريب، دکي، مسڪين ٽکل: تن جا ميرا پير ويٺو هي ستپرش ڌوئي! مون چيو تہ جيڪڏهن سائينءَ مون کي هن بيماريءَ مان اُٿاري پنهنجي ڪمل چرنن ۾ مشغول رکيو تہ هڪ ڪم مان ڪين وساريندس:- ”دکي پائرن جي شيوا ڪندو رهندس.“

منهنجو پيارو، منهنجو پريتم ”پرده نشين“! سندس پردا اَتو غريب، دکي: متان اِنهن ”پردن“ کي وساريو! اِهي منڊا، سوُرداس، پڱل، غريب، مسڪين، دکي، متان تن کي وساريو!

اِڪ وڏيڪ آزمودو! اُهو ڪهڙو؟ اِڪ ڏينهن سانت ۾ ويٺو آهيان. منهنجي اَندر هڪ سوال اُٿي تو:- ”پريتم جو پيغام توکي ڪهڙو مليو آهہ؟“

اِن سوال جو جواب مون ٻن اکرن ۾ ٻڌو:- ”اُٿ! جاڳ!“

(٣)

سپ وِڄائي ساز!

پياري ستسنگيو! ڀائرو ۽ ڀينرون! اَڄوڪي ڏينهن اَوهان کي مان ڇا چوان؟ اَڄ سويل صبوح جو جڏهن مان وڃي وينس، سانت ۾، سين ڪان پري، بند ڪوٺيءَ ۾ جڏهن مان وڃي وينس، مون اِئين سمجهو جڻ تہ مون ڪان منهنجو سائين پُڇي پيو: ڇا پيو پڇي؟ منهنجو سائين اَڄ سويل صبوح جو مون ڪان ڇا پيو پڇي؟ منهنجا ٻالڪ! اڄوڪي ڏينهن توکي ڪهڙي سوکڙي؟ ڪهڙِي سوکڙي مان توکي ڏيان؟'' ۽ اُن وقت مون پنهنجي دل جي اَندر ڇا چيو؟ مون چيو: - سائين! هيءَ منهنجي ٻيڙِي پراڻِي: هن زندگيءَ جي ٻيڙِي پراڻِي: سنسار ساگر اُن ۾ وَهي پيو تکو پاڻي: لهرون اَڇن پيبيون، لهرون اُٿن پيبيون: تکيون تيز لهرون، تن منجهان منهنجا ناکر! هيءَ ٻيڙِي پراڻِي تون هلاءِ! ۽ هن ساگر ۾ آهن مانگر مڇ، هن ساگر ۾ آهن واگهوُ. منهنجا سائين! تن کان هن ٻيڙِي پراڻيءَ کي تون بچاءِ! پاڻيءَ منجهان تون هلاءِ! هنن خوفناڪ جانورن کان ٻيڙيءَ کي تون بچاءِ! هيءَ ٻيڙِي پراڻِي منهنجي پوُربندر پهچاءِ!''

۾ نئين جنم دن جو پيغام هنن اکرن ۾ تو ڏيڻ چاهيان:-

”خاڪ لڳاءِ اءِ خاڪي!

جاڳ! پياري! جاڳ!“

مون کي ۽ هڪ هڪ کي چوي ٿو:- ”پيارا ٻالڪ! پياري ٻالڪي! مون کي ڪپين تون!“ اوهين اَجوڪي ڏينهن خوشي ملهايو ٿا، اوهين اجوڪي ڏينهن سائينءَ کي ياد ڪريو ٿا، سندر شيون دان ۾ ڏيو ٿا، پئسو پدارٿ توهين دکين واسطي ڏيو ٿا؛ اوهان کي مبارڪ! پر سائين چوي ٿو اَسان مان هڪ هڪ ٻالڪ، ٻالڪيءَ کي:- ”پيارا! پياري! مون کي ڪپين تون!“ تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ سائين چوي ٿو هڪ هڪ کي:- ”مون کي تنهنجي دل کپي!“ سائينءَ کي کپي دل. پئسو پدارٿ اَوهين دکين غريبن جي شيوا ۾ ڏيو: مبارڪ! پر سائينءَ کي کپي هڪ هڪ جي دل.

سا دل ڪئن ڏجي؟ سائينءَ کي دل ڪيئن ڏجي؟ جڏهن اَندر مان اَيمان ڪپيون، خودي ڪپيون. ۽ جو اَندر مان خوديءَ کي ڪپي ٿو، سوئي ڏئي ٿو سائينءَ کي جيڪي هوُ گهري ٿو. سائين گهري ٿو دل! ۽ هڪ هڪ کي سائين چويٿو:- منهنجا ٻالڪ! منهنجي ٻالڪي! منهنجا ياءُ! منهنجي ڀيڻ! سائينءَ کي ڏي تون پنهنجي دل! پنهنجي دل ڏي، تنهنڪري خوديءَ کان پره ره!“ اسان جو ستسنگ ڇا نہ ٿي پوي، کهڙي نہ نئين رؤنق، نئين صورت چمڪي، جيڪڏهن اَسان مان هڪ هڪ پنهنجي خودي ڦٽي ڪري، جيڪڏهن اسان مان هڪ هڪ پنهنجي ”مان“ ”مان“ ڇڏي ۽ ”مان“ ”مان“ ڇڏي اِڪ سنگت، اِڪ ستسنگ، جو سچو شيوڪ، سچي شيوڪا ٿئي: سائين گهري ٿو دل: تنهنڪري خودي ڇڏيو!

اُهو سنڌ جو فقير جنهنجي ٻاڻي مان وري وري پڙهندو آهيان، هڪ هنڌ لکي ٿو هن طرح. کهڙا نہ منا اکر!

اُج اِها پاونا دل جي اَندر کٽي آيو آهيان، اِها پرارٿنا، اِها اَندر جي پڪار:- ”سائين! هيءَ ٻيڙِي پراڻِي تون پوربندر پهچاءِ!“ تنهنکري ڀيريں اُوهان سينِي جي چرنن ۾ سِر تو جهڪايان. قصور منهنجا ٿيا آهن وري وري: سڀ قصور منهنجا معاف ڪجو، گناه منهنجا بخشو! ڀگل اوزار سائينءَ جو آهيان، اُن کي پنهنجن چرنن ۾ قبوليو. نہ نہ هيءَ ٻيڙِي پراڻِي پوربندر ڪيئن پهچي؟ منهنجي لاءِ وڏيڪ وڏيڪ پرارٿنا ڪريو تہ توهان جي شيوا واسطي ٿوري ڪِيج لائقي منهنجي جيون ۾ کُلي.

مون کي هڪ ننڍڙي ڳالهہ ياد اچي ٿي: اِها ڳالهہ مون پڙهي: اُن کي ڪيترو نہ وقت ٿيو! اِها ڳالهہ آهہ هڪ ڇوڪريءَ جي. ماتا پنهنجي بالڪيءَ کي ڏاڍو پيائي. ڌيءُ بہ پنهنجي ماتا کي پيائي. ماتا جو جنم ڏن اچيتو. اُن ڏينهن بالڪي هڪ شهر ۾ آهہ، تہ ماتا ٻئي نگر ۾ آهہ؛ هيءَ بالڪِي پنهنجي ماتا کي اِڪ سندر شيءِ موڪلي ٿي: جنم ڏن جي سوکڙِي ماتا کي اِڪ سندر چانديءَ جو برتن موڪلي ٿي. اُن وقت ماتا ڇا ٿي چوي؛ پوءِ پنهنجي خط ۾ ڪيس ڇا ٿي لکي؟ پنهنجي ڌيءُ کي لکي ٿِي هن طرح:-

”منهنجي پياري بالڪِي! هِي سوکڙيون مون کي نہ کپن. سندر شيون تون مون کي موڪلين ٿِي، - سندر برتن، سندر مُورتون، سندر ڪتاب مون کي تون موڪلي رهي آهين، پر اِهي مون کي کپن ڪين. منهنجي پياري بالڪي! مون کي هي کپن ڪين! مون کي کپين تون! منهنجي بالڪي! مون کي کپين تون! مون کان ڇو پري رهين آهين؟ مون کي تُون کپين!“

ءَ مان اِئين پيو سمجهان تہ اَجوڪي ڏينهن منهنجو سائين

اِهي اوزار، اِهي تنبورا، اِهي سارنگيون سِتارون، دنيا جي حڪمرانِي، پئسو پدارٿ، مان شان، عهدو اِقبال سڀ تون ڦٽو ڪر! پوءِ وڃي سائينءَ جي چرنن ۾ سر جهڪاءِ، ۽ سائينءَ جي بندگي ڪر!

مان اَڄ پاڻ کي پئي چيو آهي ته اِهي اکر مون لاءِ آهن. شايد اَوهان مان ڪيترن لاءِ آهن، جي ستسنگ ۾ اچو ٿا، اچي وهو ٿا. اچو! بيشڪ اچو! روز روز اچي هِت وهو: پر نماڻا ٿي، نئڙت ۾ اَچِي هت وهو، ستگر جي چرنن ۾ وهو! هڪ ڏينهن ستگر اوهان کي پنهنجو روپ ڏيکاريندو، اچي ستگر بيهندو اَوهان جي روبرو! شل بيهي، جلدي بيهي! هن داس تي آسيس ڪري! اوهان سين تي آسيس ڪري! اوهان جو مانک جنم سڦل ٿئي!

”جان جان پَسين پاڻ کي، تان تان ناهه نماز“

مسلمانن کي چوي ٿو، جو تہ سنڌ ۾ ڪيترا مسلمان آهن. جي پيارو چوي ٿو:- ”نماز توهين پڙهو ٿا: پر ڪهڙي ڪم جي نماز، جي خودي نہ ڇڏي اَٿو. - جيستائين تون پاڻ کي پيو ڏسين، جستائين تون خوديءَ جا خيال پيو اندر رکين، اوستائين تون سچي نماز نٿو ڪرين، سچي بندگي، سچي پرارٿنا پريوءَ جي نٿو ڪرين!“

پوءِ ٻي ست، سا بہ ڪهڙي نہ مٺي آهي. ٻيءَ ست ۾ هي فقير چوي ٿو:-

”سڀ وڄائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئہ“

چئُ پرارٿنا، چئہ تڪبير، ڪر بندگي، سائينءَ جي بندگي، سائين کي پرارٿنا ڪر: پر پهرين ايمان ڇڏ. ”سڀ وڄائي ساز: پنهنجا ساز سڀ ڦٽا ڪر! ڏسو! اَسان کي پنهنجي ساز جو ڪيڏو نہ اَيمان آهي! ڪو ڏاڍو مٺو راڳ ڳائي سگهي ٿو ستار تي: اَيمان ۾ پرڃي وڃي ٿو. فقير چوي ٿو:- ڦٽي ڪر پنهنجي ستار، ڦٽي ڪر پنهنجي سارنگيءَ ساز؛ جيڪڏهن اِن ڪري تنهنجي اندر اَيمان اَچي ٿو. سڀ ساز وڄاءِ. ڪنهنجو ساز آهي ستار، ڪنهنجو ساز آهي تنبورو، ڪنهنجو ساز هارمونيم، ڪنهنجو ساز پئسو پدارٿ، ڪنهنجو ساز مان شان جو دنيا ۾ ملي ٿو، ڪنهنجو ساز تہ مان وزير، وڏو عملدار آهيان، ماڻهو مون کي مڃين ٿا، منهنجي پوڄا ڪن ٿا.

فقير چوي ٿو:- ”اَءِ پيارا! اِهي سڀ ساز ڦٽا ڪر! اَڪيلو اَڪيلو بند ڪوٺيءَ ۾ ويهي تون پنهنجي پريوءَ جي آراڌنا ڪر!“

سنڌ کان ٻاهر هوس! اُن رات چنڊ پئي چمڪيو! ڪيڏي نہ سونهن! تارا بہ پئي چمڪيا! اُنهن تارن ۽ چنڊ جي چمڪي هيٺ ڇا ٿيو؟ اُن چنڊ رات منهنجي دل اَندر آواز آيو:-

پوُري ڪرتون پنهنجي دل جي پياس!
وچي تي سنتن در جو تون داس!

سچو جنم تہ منهنجو اُن رات ٿيو! اُن وقت کان وٺي ڪيئن نہ سائينءَ مونکي سنتن جي شيوا ۾ رکيو آهي! ستگر پنهنجي ڪمل چرنن ۾ ڇڪيو آهي! اَڄوڪي ڏينهن سنتن جي چرنن ۾ سر ٿو جهڪايان. سائينءَ، جنهن منهنجي لڏي آهي سنڀال، سائينءَ کي پيو ور ور پڪاريان: ”شڪرانا“!

ڪجهہ وقت ٿيو تہ مون هڪ ڳالهہ پڙهي. هڪ ماڻهو بيمار آهي: وٽس هڪ نيلو پٿر رکيو آهي. سندس ڊاڪٽر پيو نيلي پٿر ڏي نهاري. ڊاڪٽر هن ماڻهوءَ جي ڪيڏي نہ شيوا ڪئي آهي! ماڻهو سمجهي ٿو تہ ڊاڪٽر کي نيلو پٿر وڻي ٿو، سو ڊاڪٽر کي چوي ٿو: ”اَوهان منهنجي سنڀال، شيوا ڪئي آهي؛ هي پٿر اَوهين قبوليو!“ ڊاڪٽر نيلو پٿر جواهريءَ وٽ کڻي وڃي ٿو.

جواهرِي:- (نوُنگا هڻي) ڊاڪٽر! مون کي پوري خبر ڪين آهي، پر معمولي پٿر پيو لڳي!

ڊاڪٽر:- پٿر کي ڀڃ!

جواهرِي پٿر ڀڃي ٿو. عجب! اَندر تہ هيرو پيو چمڪي!

مان بہ پٿر هوس! ستگر اُن پٿر کي ڀڳو! مون اڄ ڏينهن پڪاريو: ستگر کي پڪاريو:- ”ستگر سائين! منهنجي دل کي ڀڃ!“ منهنجي دل کي ستگر مهر ۾ ڀڳو! اَڄا تائين ڀڳل دل کڻي

(۴)

هَرِڪا هِيرا

هن وقت مان ڪهڙا اَکر چوان؟ جڏهن دل پريل ٿئي ٿي، تڏهن ٿورائي اکر مناسب آهن! نکي جنم، نکي ڪال! ڏيايو اِڪ مورت اَڪال! آتم اَمر آهہ، پر آتم جون ديهون آهن سي تہ فانيِ! اُت جاڳہ اُتي وٺ رحم روحانيِ! سرير جو جنم ٿئي ٿو، پر آتم اَمر آهہ! اَجوڪي ڏينهن منهنجي دل ۾ اِڪ اکر ور ور پيو اَچي: ”شڪرانا!“

ڏسو! هن جنم ۾ هن ديهيءَ جا سال ڪيئن نہ گذريِ ويا! ٦۴ سال ڪيئن نہ گذري ويا! اَجوڪي ڏينهن اَچيم ٿيِ يادگيريِ اُنهن ڏينهن جي، جڏهن هٿ ۾ ڪتابن جي ڦوٽڙيِ ڪڇِ گهتيءَ مان لنگهندو هوس ۽ سنڌي اِسڪول ۾ ويندو هوس! هاڻ مان اُتان لنگهان تہ سمجهان تہ تنهن ڏينهن لنگهيو آهيان! ڪيئن نہ سال سارا گذري ويا! ٦۴ سال! شڪرانا! اِهي سال سارا سائينءَ ڪيئن نہ رکيا ڪئي آهي!

منهنجي سچي جنم ڏن جي خبر اَوهان کي ڪانهي! نکي ٢٥ نومبر؛ نکي ١٨٧٩ع! اِڪ رات گهر جي دالان ۾ پئي گهميس:

۾ پسڻ لڳس: هڪ جوت سڀن ملڪن ۾ ۽ سڀن ڌرمن ۾؛ اُن ڏينهن کان وٺي هڪ عجيب پيار منهنجي اَندر آيو آهه ۽ مان پيو سمجهان تہ آهيان مان سڀني سنتن جي در تي سوالي: ۽ اِڪ پڪار منهنجي سڀن سنتن کي:- ”پري پيئاريو پريم جي پيالي!“

اَجوڪي ڏينهن اَوهان جي اَڳيان هي ويچار رکڻ تو چاهيان تہ سڀن ۾ اِڪ جوت اَتو! سڀن ۾ اِڪ پيو تو چمڪي! موهن منهنجو سڀن ۾ پيو تو مشڪي! اُن چنڊ رات مان ڏڏڻ لڳس! روز اُن ڏينهن کان پوءِ ڪيترو وقت ڪڏ تي چڙهي چنڊ ڏي نهاري پوڃا ڪرڻ لڳس. چنڊ چمڪيو پر نئين ءَ جوت ۾! ۽ مون ڏٺو تہ ڪيئن چت اَندر بہ چنڊ پيو چمڪي! منهنجي دل اَندر هينئر اِهو وشواس آهي تہ سڀن ۾ اِڪ پيو چمڪي! اَوهان مان اِڪ اِڪ ۾ بہ پيو چمڪي. اِڪ جوت پيئي جاڳي! فقط پردا پري ڪريو! اَوهان ۾ ساڳي جوت آهہ! غريبن ۾ بہ ساڳي جوت آهہ! جيئن سال ويا آهن گذرندا، تيئن هيءَ پروڙ مونکي وڌيڪ وڌيڪ پئي آئي آهي تہ جيون اِڪ شاستر آهہ! منهنجي جيون شاستر جو ڌرم اَتو هنن ٻن ڳالهين ۾:- (١) سائينءَ جو سمرن ۽ (٢) غريبن جي شيوا. سائينءَ کي نہ وساريو! پريوءَ کي نہ وساريو! تنهن ڪري غريبن کي نہ وساريو. جيترو تي سگهيم، اوتر سنتن جي ٻاڻي ۽ سکيا ڇپائڻ ۽ پکيڙڻ جو ڪم پيو ڪريان ءَ اُن سان گڏ (٢) غريبن جي شيوا. شل سنتن جي ٻاڻي وڌيڪ پکيڙيان! ۽ شل غريبن جي شيوا وڌيڪ وڌيڪ ڪريان! منهنجو ڌرم اَتو اِنهن ٻن ڳالهين ۾:- (١) وديا جي وديا آهي سنتن جي ٻاڻي، سچي سُمت اَتو سنتن جي ٻاڻي: (٢) سنتن جي ٻاڻيءَ سان گڏ ڪريو غريبن جي شيوا!

پيو ڳهماڻ! ستگر منهنجي دل پگهري ۽ ستگر جي رحم ۾ هيرو منهنجي اَندر چمڪيو. شل سائينءَ جو رحم وڏيڪ منهنجي جيون ۾ چمڪي! اوهان مان هڪ هڪ جي اَندر آهه هڪ هيرو! مون سان گڏ ستگر جي چرنن ۾ اَڄ سِر جهڪايو ۽ پڪاريو: ”سائين! پيچ نون هرڪا هيرا“ شل دلين کي لطف جون لنيون هٽي! دل جي درد ۾ آهي ديا. ستگر جي چرنن ۾ مان سر تو جهڪايان! شل آسيس پايان! مالڪ جنم سڦل ڪريان!

*

اَڄ ڏينهن سارو گذري ويو: اَڄ منهنجي دل اَندر آهه سوال ته ستگر ته ڪيئن وسري ويو؟ اَجوڪي ڏينهن ڪيترن نه منهنجن پائرن پيئرن، ٻالڪن ۽ ٻالڪين مونکي آسيس ڏني آهه! اَجوڪي ڏينهن منهنجي دل اَندر جا وسي رهيو آهي، اُن جو اِظهار اوهانجي اڳيان ڪيئن رکان؟ اَڄ ڏينهن سياڳو، جي منهنجي دل اَندر رهي اوجاڳو!

رات جي ڳالهه ياد اَچيم ٿي: سا رات سياڳي! اُن رات چنڊ پئي چمڪيو! اُن رات ته اِئين سمجهيم جڻ ته سڀ پدارٿ آس پاس جيڪي سارو، سڀ گم ٿي ويا! مون سمجهيو ته سڀ خالي آهه: سمجهيم ته اِڪ اونهي خالاڻ (a profound emptiness) آهي. نه پنيون نه ديواريون، نه پسون نه پکي، نه بنگلا نه ماڙيون، نه نديون نه پهاڙ! سڀ ڪجهه گم ٿي ويو ”خاليءَ“ ۾! ۽ اُنهيءَ خاليءَ ۾ مون ڏٺو ته اِڪ عجيب جوت پئي چمڪي! اُها روشني مون وچ دل مندر ۾ ڏني: اُهو ڏينهن هو سياڳو، جنهن ڏينهن منهنجي اَندر آيو اوجاڳو. جيون ۾ اوجاڳو. اُن ڏينهن کان وني هڪ جوت سيني

(۵)

لاهوُتين سان!

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ منهنجون ڀينرون! اَڄوڪي ڏينهن ٻه منهنجي دل جي اَندر اِڪ اکر پيو ٻُڌائي. وري وري هڪ اکر پيو پڪاري:- ”شڪرانا! شڪرانا! شڪرانا!“ پريوءَ جا شڪرانا! ۽ اُوهان سڀن ڀائرن ۽ ڀينرن جا شڪرانا! ٻين ڪيترن ڀائرن ۽ ڀينرن جا شڪرانا، جي هن وقت هت حاضر ڪين آهن. ميران اِسڪول جي ٻالڪين ٻاران مونکي ڳوٿڙي ڏني ويئي آهي. مان سمجهان ٿو ۱۴۰۰ رپيا ۽ ڪي وڌيڪ، مان شڪرگذار آهيان. ۽ تنهن کان سواءِ پياري ڀاءُ شري گنگارام مونکي ۸۰۰۰ ۽ ڪي وڌيڪ رپيا، تن جي ڳوٿڙي ڏني آهي. پر جي موڪل ملي ته هڪ ويچار اُوهانجي چرنن ۾ رکان، سو هيءُ: ته ورچ ڪرڻ مهل نه وساريو ڪن کي؟ اُهي منهنجا ڀائر ۽ ڀينرون، اُهي اُوهانجا غريب ڀائر ۽ ڀينرون، جي هن وقت سنڌ ۾ آهن. منهنجا ڀائر ۽ اُوهانجا ڀائر، پر اَسان کان پري هن وقت آهن، سي اَتو تنگيءَ ۾، تڪليف ۾. هنن کي ٻه جيڪر هنن ڳوٿڙين مان حصو ڏيو. اُهي منهنجا پيارا ڀائر ۽ منهنجون ڀينرون پاڪستان ۾ آهن ۽ اُوهان ڏي پيا نهارين، پيا

اَج مون کي ڪيڏِي نہ آسيس ڏني اَٿو! مون کي وڏيڪ وڏيڪ آسيس ڏيو؛ شل مون کي وڏيڪ طاقت ملي تہ آسيس وٺِي سنتن جو پيغام وڏيڪ پکيڙيان، ۽ وڏيڪ وڏيڪ غريبن جي شيوا ڪريان، آسيس پايان! مانکہ جنم سڦل ڪريان!

فقط هيءَ منهنجي پياس، فقط هيءَ هڪ پياس:- ”دکين جي دلين جو گنگا جل پيئاريو.“ سنسار جو پدارٿ مونکي کپي ڪين. سنسار جو مان شان شل مونکي ڪين لالچائي. پر شل اوهان جي ۽ بين ڀائرن ۽ ڀينرن جي توري ڪجهه شيوا ڪندو رهان. دکي دلين جو پاٽي شل پيئان. گنگا جل پيئان، شل پيئان، پيئندو رهان.

مونکي ڇا کپي؟ منهنجا پيارا ڀائرو ۽ منهنجون ڀينرون! مون کي ڇا کپي؟

اَڄيتي هڪ مونکي ڳالهه ياد، ڪيترا سال تنهنکي گذري ويا. مان هوس سنڌ ۾، سنڌ ۾ ويس هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾. اُن ڳوٺ جو نالو سلطان ڪوٽ. ننڍڙو ڳوٺ، ڳوناٺا نماٺا ڪيئن نه قرب ۾ آيا. قرب ۾ اَچي مليا. هڪ ننڍڙي گهر ۾ مان وڃي ٽِڪيس. سلطان ڪوٽ جي نگر ۾ هڪ حڪيم جي گهر مان ٽڪيس. سويل صبوح جو منهنجي در تي ڪڙڪو ٿئي ٿو. ڪير ٿو ڪڙڪائي؟ اُٿي دروازو کوليان ٿو. ڇا ٿو ڏسان؟ ڏسان ٿو اِڪ فقير آهي. اِڪ فقير، فقير، اِڪ فقير! ننڍپڻ کان وني ته منهنجي دل ته لڳي لاهوتين سان، فقيرن سان. ننڍپڻ کان وني منهنجو قرب لڳو فقيرن سان، لاهوتين سان. ڏسان ٿو هڪ فقير آهي. اُن جي هٿن ۾ يڪتارو. پيار سان فقير کي اَندر ونيِ اَچان ٿو. ڪيس ڪرسي ڏيانٿو، ڇو ته منهنجي دل ۾ هيءُ فقير سائينءَ جو هو، پريوءَ جو هو. منزل جو فقير هو هيءُ پيارو ۽ هن پياري کي قرب ۾، عزت ۾ مان ڪرسيءَ تي وهاريان ٿو. ۽ مونکي چويٿو هيءُ فقير:- ”نالو نٿو ٻڌائي، اَڄان مونکي هن فقير جي نالو جي خبر ڪانهي.“ هيءُ فقير ڪرسيءَ تي ويهي چوي ٿو. ڳوناٺو آهي، فقير آهي، بي پرواهه آهي، سائينءَ

پڪارين. اُنهن کي نہ وساريو.

مون بابت اَوهان کي اکر چيا آهن: اُهي اکر اَوهانکي چوڻ نہ کپن. پيارا ڀائرو ۽ منهنجو ڀينرون! مان اَهڙو اِنسان ڪين آهيان، جهڙو اَوهان مان کي مونکي سمجهي رهيا آهيو. اَوهانجا اکر ڏيکارين ٿا اَوهان جو قرب، اَوهانجو پيار، جنهن واسطي مان شڪرگذار آهيان. اَوهانجا اکر ڏيکارين ٿا تہ توهانجي دلين ۾ محبت آهي، پر مونکي لائق ڪانهي.

مون ڪان جيڪڏهين ڪو پڇي:- ”تون ڪير آهين؟“ خبر آهي مان ڇا چوان؟ مان جيڪر چوان تہ مان آهيان هڪ نالائق نوڪر. مونکي آسيس ڪريو، توهان جي ۽ ٻين جي، دکين جي ۽ غريبن جي، ٿوري ڪجهہ وڏيڪ خدمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان.

اَڄ وٽجي مون لکيو هيءُ ننڍڙيون ٻہ سٽون:- هي ٿورا اکر اَڄ مون لکيا آهن:-

”رهان لِڪل شل، لڪل شل رهان،
دکين جي دلين جو گنگا جل پيئان.“

اَچوکي ڏينهن جڏهن اَوهانجي چرنن ۾ سر جهڪائي اَوهانجي آسيس گهران ٿو، تڏهن هيءُ ٻہ چوڻ ٿو چاهيان:- ”مونکي پاڻي پيئاريو. دکين جي دلين جو مون کي پاڻي پيئاريو، گنگا جل مونکي پيئاريو، نرمل جل مونکي پيئاريو. پڳل دلين جو گنگا جل، دکي دلين جو گنگا جل، غريبن ڀائرن ۽ ڀينرن جو نرمل جل مون کي پيئاريو. ٻيو مونکي ڪجهہ ڪپي ڪين. نہ اَوهانجو پئسو، نہ اَوهانجو پدارٿ، نہ اَوهانجا نوٽ. اَوهانجون ڳوٺڙيون ڪپن ڪين.

دل تہ لڳي فقيرن سان، منهنجي دل تہ لڳي لاهوُتين سان.

اَڄ جڏهن مان ماني کائي ويس ڪوٺيءَ جي اَندر، مون پاڻ کي چيو وري وري:- ”منهنجي دل تہ لڳي لاهوُتين سان. منهنجي دل تہ لڳي فقيرن سان.“ پوءِ منهنجو هٿ ڇُرڻ لڳو. پوءِ ڪي اکر مون لکيا. مون چيو اِهي اَکر مان رکندس اَوهان جي چرنن ۾ پيتا. اَوهان مون کي پيتا ڏني آهي، اَوهان مون کي سوکڙيون ڏنيون آهن، مان شڪرگذار آهيان ۽ مون چيو پاڻ کي: ”مان جيڪر اَوهان جي چرنن ۾ رکان هيءَ پيتا، اِڪ راڳہ جي پيتا، جو راڳہ مون وري وري پئي ڳايو. هٿ نٿو ڳايان، چو تہ اَڄان شرم جي دنيا ۾ رهان ٿو. لڄ اَڃيم ٿي. پر بند ڪوٺيءَ ۾ مون هيءُ گ يت لکيو، بند ڪوٺيءَ ۾ مون هيءُ گيت ڳايو. هيءُ گيت منهنجي پيتا اَوهان جي چرنن ۾ شل قبوليو.

”ڏينهن رات، ڏينهن رات پنڌڙا ڪري،
ڀاڙن تي توکي ڏٺو مون پري:
منهنجي دل تہ لڳي لاهوُتين سان!
وِسامي، وِسامي ويئي، سموري تہ رات،
پر اَندر رهي آه، رهي اِڪ تات:
منهنجي دل تہ لڳي لاهوُتين سان!
سهڻي سهڻي تنادي تصوير،
اوُنهي اوُنهي اَندر آه اُڪير:
منهنجي دل تہ لڳي لاهوُتين سان!
آهي ڪير آهي ڪير، جو مون کي روز پيو پڪاري؟
پنهنجي ٻاجهہ ٻانهن پيو ٿو نهاري:

جو آهي، هيءُ فقير چويٿو:- ”منهنجو گيت جيڪر ٻڌين. روداس جا ڳيت مان ڄاڻان.“ پوءِ يڪتاري جي تند تار چاڙهي هيءُ فقير منو گيت ڳائي ٿو.

هن ڳان پوءِ خبر اٿو، ڇا ٿو ڪري؟ ڏسي ٿو تہ منهنجي اکيان رکيو آهي هڪ ڳل. اوهان مونکي ڳل ڏنا هن وقت، منهنجون اکيون ٿيون آليون. منهنجي دل اندر اُٿي يادگيري. فقير ڏسي ٿو تہ منهنجي اکيان رکيو آهي هڪ ڳل. ڇا ٿو ڪري؟ فقير چويٿو:- ”هيءَ مان ڪڍان؟ هيءَ ڳل آهي. تون تہ ڦٽو ڪندين. هيءُ مان ڪڍان؟“ مان چواس ٿو:- ”پيارا! تون بيشڪ ڪڍ.“ فقير چويٿو:- ”ٻيو مونکي ڪجهہ ڪمن ڪيي. مان هي ڳل فقط ڪڍان ٿو.“ پوءِ ڳل ڪڍي ڳل کي چمي ٿو ٽي دفعا ۽ هنجي اکين ۾ اچيٿو قرب جو پاڻي. ڇو؟ فقير هن ڳل کي چمي ٿو: پوءِ چويٿو هيءُ اکر:- ”منهنجي دل جا محبوب منا!“ اِهي اکر چويٿو ڳل کي. ڳل کي چمي ٿو، چمي ٿو! پوءِ ڳل کي چويٿو:- ”منهنجي دل جا محبوب منا!“ ۽ وري اُن وقت مون ڇيو پاڻ کي:- ”منهنجي دل تہ لڳي لاهوتين سان. منهنجي دل تہ لڳي فقيرن سان.“

منهنجا پيارا پاڙرو ۽ منهنجون پينرون! مون کي ڪيي ڪجهہ ڪين. اوهان جا پئسا، اوهانجا پدارٿ شل اوهين شيءِ ڪمن ۾ خرچ ڪيو. مون کي ڪيي ڪجهہ ڪين. ”منهنجي دل تہ لڳي لاهوتين سان.“

۽ اَجوڪي ڏينهن وري وري مون پنهنجي دل اندر اِهي اکر پئي چيا آهن:- منهنجي دل تہ لڳي لاهوتين سان! منهنجي دل تہ لڳي لاهوتين سان. ڪم ڪار ڪريو، شل ڪندا رهو. پرمنهنجي

(٦)

نام نہ وساريو!

شرِي ڪرشن ۽ گرو نانڪ ديو جن جون تصويرون اَڄ هت رکيل آهن: ۽ مان چاهيان ٿو تہ هڪ هڪ اَڪر مان اِنهن ٻن پيارن جي حاضريءَ ۾ اَوهان کي چوان. ڪيڏي نہ قرب ۾ اَوهين هت گڏيا آهيو! ڪيڏِي نہ محبت اوهان کي دلين اَندر ھن داس واسطي آهہ، پر اوهان مان گهڻن کي شايد خبر ڪانهي تہ مون لئہ ھن جيون، زندگيءَ جي پرم خزانو آهہ ''سانت''. جيڪر ڪجھ نہ چوان: پر سانت ۾ اَوهان جي چرنن ۾ سر جهڪائي ويهي رهان. پر رواج ٻيءَ طرح آهي. رواج آهي تہ مان ڪي اَکر ضرور چوان، چو تہ اوهين پنهنجي قرب ۾، پنهنجي محبت ۾، پنهنجي نرمل پيار ۾ مون کي شيپ ڪمن لاءِ ''ڳوٿڙِي'' رپين جي پيٽا ڏيو ٿا.

هينئر اوهان مونکي ٥٠ هزارن روپين جو چيڪ ڏنو. مان سمجهان ٿو تہ اَڃا وڌيڪ رقمون اِينديون ۽ شايد ٧٠ هزارن کان وڌيڪ رقم ٿي وڃي. مون کي لائقِي ڪانهي. اَوهين مهربان آهيو ۽ منهنجو فرض آهہ تہ مان ڪي اَکر اَوهان کي ضرور چوان.

منهنجي دل تہ لڳي لاهوُتين سان!

چڙيان سڀ، اَءِ سهڻا! سَيڪي سَهان،
پر ڳڌو ڳڌ توسان، اِڪ توسان رهان:
منهنجي دل تہ لڳي لاهوُتين سان!

اَچين اِڪ تون دل ۾ پريتم پيارا،
اَچي ڳاءِ پنهنجا گيت نينهن ۾ نيارا!
منهنجي دل تہ لڳي لاهوُتين سان!

وڇوڙا اَنيڪا، تولاءِ اَتم سَنا،
آجا! اَءِ نوُري! منهنجا محبوبرا منا!
منهنجي دل تہ لڳي لاهوُتين سان!“

اُوھانجو شڪرگذار آهيان، ور ور شڪرگذار. اُوهان جي قرب اڳيان وري سر تو جهڪايان. ۽ اَج جي اُوهان ڪان ڪي پڇين:- هن ڇا چيو، جنهن ڪي قرب ۾ اُوهين ڪونيو تا دادا، اَجوڪي ڏينهن هن ڇا چيو؟ دادا اَج ڇا چيو؟ چئو تن کي، هن چيو هيءُ، فقط هيءُ:- منهنجي دل تہ لڳي لاهوُتين سان!“

تي، جن جي اوهانکي خبر ڪانهي، سانت ۾ ويهي ڪجھ وقت گذاريو اٿم. شهري ۾ چڪر هنيا اٿم، ڪيترا شهر گهميو آهيان. ڀارت جي اندر شهر ۽ ڀارت کان ٻاهر ولايت جا ڪيترا شهر گهميو آهيان. ڳوٺن ۾ بہ ويو آهيان، ڳوناٺن کي مليو آهيان. شهرن ۾ شاهوڪارن جي گهر ۾ مزمان ٿي رهيو آهيان. لکاپتين ۽ ڪروڙپتين مون کي آسيس ڏني آهہ ۽ ڳوناٺن جي آسيس بہ هن داس کي ملي آهہ ڳوناٺا نماڻا، منهنجي دل جا راڻا، تن کي سنسار جي ملڪيت ڪانهي. پر هي قانون اَٿو تہ جنهن کي سنسار جي ملڪيت ڪانهي، اُن کي اِڪ بخشيش سائين ڏئي ٿو، اُن جو نالو ڪهڙو؟ ''آسيس ڏيڻ جي شڪتي''. آسيس سچ پچ اَچي ٿي ''غريبن'' وٽان. تنهنڪري متان ڪنهن غريب کي رنجايو! ڪنهن وقت بہ متان ڪنهن غريب جو حق کسيو! جيتوڻيڪ غريبن کي پئسو پدارٿ ڪانهي؛ پر اُنهنکي اُها شڪتي آهہ، جا توهان جي لکن ڪروڙن کان متي آهہ. غريبن جي ''آسيس'' هڪ شڪتي آهہ، جا برڪت ڏئي ٿي.

ڪئن نہ مان ڳوناٺن سان جهوپڙين ۾ وڃي رهيو آهيان، ساڻن گڏ سمهيو آهيان، سندن آسيس مونکي وري وري ملي آهہ! درياہ جي ڪنڌيءَ تي ساڻن گڏ وينو آهيان: ڳوناٺن سان مون اِشنان ڪيا آهن: ڳوناٺن جو ڪاڌو مون سائينءَ جي مهر ۾ ڪاڌو آهہ. سندن ڪمل چرنن جي خاڪ مون ورتي آهہ.

اِهي ۽ ٻيون ڪيتريون ڳالهيون اَجوڪي ڏينهن ڪئن نہ منهنجي اڳيان ڦرن ٿيون! جئن سئنيما ۾ تصوير پٺيان تصوير اَچي، تئن اَڄ مان پيو دل جي اندر تصوير پٺيان تصوير ڏسان.

منهنجي دل اَندر هن وقت هڪ اکر پيو ور ور اُٿي: سو آهه ''شڪرانا''. هن دل جي اَندر اِهو آواز وري وري پيو اُٿي:- ''شڪرانا! شڪرانا!'' شڪرانا اُن سائينءَ جا، جو ڏئي ٿو. ڏيندڙ اُهو آهه. جڏهن پنهنجي آسيس ڏئي ٿو، تڏهن اُن آسيس سان گڏ ڇا نه ٿو ڏئي! شڪرانا سائينءَ جا: ۽ شڪرانا اُنهن پائرن پينرن جا، جن تي سائينءَ جي آسيس ٿي چمڪي! هنن پائرن ۽ پينرن، جن موکي پئسا ڏنا آهن، اُنهن تي اِيشور جي آسيس آهه ۽ ڪين شڪتي ملي ٿي ڏيڻ جي. سائينءَ جا شڪرانا ۽ هڪ هڪ جا شڪرانا، جنهن جي معرفت منهنجو پريو، منهنجو ناڪر ڏئي ٿو. ''ديدا دي، لئدي ٿڪ پاءِ!'' سائين پيو ڏئي. بندو ٿڪجي پوي ٿو. شڪرانا! شڪرانا!

اَڄوڪي ڏينهن منهنجي ياترا جو نئون سال شروع ٿئي ٿو. نئون سال اَڄ شروع ٿئي ٿو، نه منهنجي زندگيءَ جو، پر منهنجي ''ياترا'' جو. هيءَ زندگي ڪڏهن شروع ٿي، اُن جي خبر مون کي ناهي: پر هيءَ ''زندگي'' آهه اَننت (This life is Endless) هن جيون، زندگيءَ جو اَنت ڪونهي.

منهنجي ياترا جو اَڄ نئون سال شروع ٿئي ٿو، ڇو ته مان اِڪ ياتري، تيرٿواسي آهيان. پائي چولو اِنساني هت آيو آهيان، جئن اَوهان مان هڪ هڪ اِنساني چولو پائي هن سنسار ۾ آيو آهه. پر آهيون سڀ ''ياتري''، ''تيرٿواسي'': شل هيءَ ياترا سڦل ٿئي!

هيءَ ياترا سڦل ڪئن ٿئي؟ منهنجا ويچار وري وري ڊوڙي وڃن ٿا. ڪيترا نه ملڪ ڏنا اَٿم! هن سنسار ۾ اچي ڪيترا نه سال گهميو آهيان! ڪيترا نه آستان ڏنا اَٿم! سمنڊ جهاڳيا اَٿم. پهاڙن

اَختياريءَ جي پنيان آهه، سو ضرور هڪ ڏينهن ڪِرندو، ڏڪ کائيندو.“

يورپ جي اڳيان اُن وقت مون چيو: - ”آدرش هيِ هئڻ کپي تہ نہ تہ اختياري کپي، پر کپي سادگيِ. - جيون ۾ سادگي، کاڌي پيتي ۾ سادگي، ڪپڙن ۾، هلت چلت ۾ سادگي، سڀ کان وڌيڪ جيون، زندگيءَ ۾ سادگيِ!“

وڌيڪ ٻڌايو مان تہ ”ڪئن نہ يورپ جو هڪ مهاپرش ٽالسٽاءِ جي هلت بدلجي پيئي؟ شاهوڪار، لکاپتي هو؛ ڪيس نؤڪر چاڪر ڪيترا هئا: وڏو زميندار، جاگيردار هو. ڪئن تي رهيو؟ ڪيڏي نہ اَڊمبر ۽ اَختياريءَ ۾، ڪيڏي نہ اَيمان ۾! پر هڪ ڏينهن هن ماڻهوءَ تي پريوءَ جي آسيس ٿئي ٿي. اِڪ رات هن جي دل اَندر سچو گيان اَچي ٿو. پوءِ صبوح کان وني اختياري ڇڏي ٿو ۽ ڪڙمين جي پوشاڪ پائي ٿو. نماڻو ٿي رهي ٿو. ڳوٺاڻن کي ملي ٿو. آ! رشيا ۾ هي هڪ ماڻهو ڇا نہ ڪري ٿو! هن وقت اسان جي بہ گهرج اِها اَٿو: - ”سادگيِ.“

هڪ هنڌ مون کان پڇائون: - ”تون ڪير آهين؟“

مون چيومان: - ”مان مؤرکہ آهيان.“

کين عجب لڳو: چيائون: - ”سو وري ڪئن؟ تون مؤرکہ ڪئن آهين؟“

اِن سوال جو جواب مون ڏنو هڪ مشڪ ۾.

پوءِ وري مون کان سوال پڇائون: - ”تون ڇا ٿو ٿيڻ چاهين؟ تنهنجو آدرش ڪهڙو آهہ؟“

مون چيومان: - ”مان پتنگہ ٿيڻ ٿو چاهيان.“

مورت پنيان مورت پيئي منهنجي اکين اڳيان ڦري.

ولايت ۾ مان ويس. اُت بہ مان، نہ فقط شاهوڪارن کي ڏسيس، پر غريبن کي بہ مليس. ولايت ۾ پهريون اُپديش مون ڪهڙي وشيہ تي ڏنو؟ سائينءَ جي مهر مون تي هئي. پهرين پهرين ليڪچر ڏيڻ جو موقعو مون کي هڪ مشهور آستان تي مليو، اِڪ مڪان ۾ جت اچي ليڪچر ڏيندو هو: ڪير؟ اِنگلستان جو اِڪ مهاپرش، جنهن جو نالو هو ”سٽاپفورڊ بروڪ“ (Stopford Brooke) اِن مهاپرش جي آستان تي منهنجو پهريون ليڪچر ٿيو. ڪهڙي وشئہ تي؟ ”يورپ جي گهرج ڇا آهہ؟“ "What Europe needs?" انهيءَ وشئہ تي مون ڳالهايو. جڏهن اِها خبر لوڪن کي پيئي، تڏهن ڪي مون تي ڪاوڙيا: پر مون صبر ۾ سَنو. ڪن چيو:- ”هي وري ڪير؟ هندستان مان آيو آهہ هڪ ڇوڪر، هڪ نوجوان؟“ اُن وقت منهنجي عمر ٣٠ سال هئي. ڪن چيو:- ”هي اَڏنگو نوجوان ڪير آهہ؟ هي ٻار. اَسان کي سکيا ڏئيندو تہ ’يورپ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ ڪن مون تي ڪاوڙ ڪئي، پر ڪيترا پريوءَ جا پيارا، جو تہ مون ڏٺو تہ ولايت ۾، جئن هندستان ۾ بہ، پريوءَ جا پيارا ڪيترا آهن، اُهي خوش ٿيا.

اِنهيءَ پهرئين اُپديش تي ڪي ودوان، هوشيار بہ آيا: پر سائينءَ کي مون توفيق ڏني! اُنهن ودوانن اڳيان مون ڇا چيو؟ مون چيومان:- ”منهنجا پيارا ڀائرو ۽ منهنجون ڀينرون! اَوهين طاقت جي تلاش ۾ آهيو، اَوهين وڏائيءَ جي پنيان آهيو: وڏائي ۽ طاقت ڪيرائي ٿي. هن وقت يورپ کي کپي ’سادگي،‘ نہ ’وڏائي‘. مون ٻڌايو تہ ”جو ملڪ، جا قوم، جا پنگت، جو اِنسان

ٿيءُ. سندن چرنن ۾ تون ويهه.'' اُن ڏينهن کان وٺي مان ٻالڪن کان ڇا نہ سکيو آهيان! وڏا ماڻهو، بيشڪ، شل سائينءَ جي مٿن مهر ٿئي! پر منهنجي دل اَندر پياس تہ مان ٻارن جو سنگہ ڪريان. اِن ڪري ميران اِسڪول، ڪيترا سال ٿيا تہ کوليو ويو. ٻالڪن ٻالڪين جي سنگہ واسطي پياس منهنجي دل اَندر ڪيتري وقت کان آهي! اِن سنگہ مان، مان ڪيترو نہ سکيو آهيان!

اَڄ مان پنهنجي جيون جون وينو ڪي ڳالهيون اوهان کي ٻڌايان تہ مان ڪيترو نہ سکيو آهيان! توهان کي ٻجليون وٽن، پر مون کي ننڍڙا ڏيئڙا وٽن. موم مونکي وٽي، ڇو تہ منهنجي دل اَندر پياس آهہ تہ منهنجي جيون ''موم'' ٿئي. اوهين وڏا وڏا گيت ٻڌو، پر منهنجي دل اَندر پياس ننڍڙن گيتن واسطي. شاسترن ۾ اِڪ ننڍڙو شاستر آهہ، جو مون کي ڏاڍو وٽي. اِن شاستر جو پيغام اٿو دنيا واسطي. اِن شاستر جو نالو ''گيتا''. اِن گيتا ۾ ٧٠٠ شلوڪ اَٿو. اِها گيتا اَٿو اِڪ ننڍڙو گيت. ۽ پنهنجي دل جي اَندر هيءَ ڳالهہ مون سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهہ تہ ''شل ننڍڙو ٿيان، نماڻو ٿيان! شل ٻالڪن ٻالڪين کي پيار ڏيان ۽ اِن پيار جي آهوتي پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ رکان!''

اَڄ مون وينٽي ويچار ڪيو ۽ هي اکر مون لکيا، جي منهنجا اکر ڪونهن: پر اسان جي هڪ فقير جا آهن ۽ انهن اکرن ۾ اَٿو اهو ڀاوَ، جو منهنجي جيون جو بنياد آهي:-

''ڪوڙين ڪتابن ۾، حرف مڙيوئي هيڪ:
جي تو نظر نيڪ، تہ نام بس اَٿيئِي.''

هي فقير چوي ٿو:- ''ڪتاب، پستڪ، پرچا ڪيترا: پر تن

چيائون:- ”سو وري ڪئن؟“

مون چيومان تہ ”مان پتنگہ تيان، جو تہ پتنگہ جي پياس آهہ تہ مان آگہ ۾ جلي وڃان. منهنجي دل اندر بہ پياس آهہ تہ شل منهنجي خودي جلي وڃي ۽ رهي منهنجي جيون ۾ اِڪ رحم، اِڪ نام سائينءَ جو!“ ڪيترن بين هنڌن مون کان ڪيترائي سوال پڇيائون. هڪ سوال هيو:- ”ڪهڙي مارگہ ۾ تون چاهين تو تہ اسين هلون؟ ڪهڙو رستو؟“

مون چيومان:- ”سچو رستو وڏائيءَ جو ڪين اَتو: سچو رستو اَتو تہ نماڻا ٿيو، ننڍا ٿيو، گاهہ وانگر ٿيو. ڏسو، گاهہ کي لتاڙي وڃو، پر گاهہ دانهن ڪري ڪين. مٽي ٿيو، خاڪ ٿيو، نماڻا ٿيو، ننڍڙا ٿيو!“

ڪيترا سال ٿيا، مونکي يادگيري آهي تہ اِها ڳالهہ مون ڪن کي ولايت ۾ ٻڌائي. جڏهن سنڌ جي درويش، سچل سائينءَ جي ٻاڻي مون ٻڌي تہ مون کي عجب لڳو تہ اِن فقير جي ٻاڻيءَ ۾ ساڳي سکيا! هڪ هنڌ هي فقير ٻڌائي ٿو تہ ”مان سائينءَ کي مليس ڪکہ پَن ۾! سائينءَ جو درشن مون ڪيو ڪکہ پَن ۾!“

وري منهنجي اڳيان تصوير آئي: ڪنهن جي؟ اُن پياري، پرم پياري جي، جنهن جي تصوير اوهان جي اڳيان رکي آهہ- گرو نانڪ ديو جن جي تصوير. گرو نانڪ ديو هو نماڻو! ڪيترا دفعا تہ شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مان ڦريس ۽ گرو نانڪ ديو جن جي تصوير منهنجي اڳيان اَچي بيٺي!

پوءِ مان هڪڙو ٻيو سبق سکيس، جنهن ۾ مونکي وقت لڳو:- ”ٻالڪ ٿيءُ! ٻالڪن سان دوستي رکہ. ٻالڪن ٻالڪين جو شيوڪ

(٧)

”ٻيا سڀ ساز وِسار!“

پيارون ۽ پيارو! اَڄوڪي آسيس جي ڏينهن جيڪر سانت ۾ وهان! منهنجو آواز اَٿو سانت جو آواز: سي ٻڌن جي وهن سانت ۾. اَوهان کي ڇا ڇوان؟ گرديو جي چرنن ۾ سر جهڪايان ٿو ۽ اَوهان لئه آسيس پنان ٿو. اَوهان مونکي ٢١ هزارن جي ڳوٺڙي ڏني آهه شيَڀ ڪمن واسطي. منهنجي پهريون اکر آهه:- ”شڪرانا!“ ”شڪرانا! پريوءَ جا شڪرانا!“ مون اڄ دل اَندر ويچار ويني ڪيو تہ ڪيئن نہ هيءُ سال بہ گذري ويو: اِن سال جي اِڪ اِڪ ڏينهن تي پريوءَ جي ڪرپا چمڪي آهہ: شڪرانا! شڪرانا! منهنجي صحت ڀڳل آهہ، دل ڀڳل آهہ تہ بہ پريوءَ مونکي روز روز جي ڪم لئہ توفيق ڏني آهہ! اڄ اوهان وٽ اچي اوهانجي آسيس پنا ن ٿو.

اَوهان سڀن جا بہ شڪرانا. ميران ڪئمپ، ميران اِسڪول، موهن منڊلي، هرِي نواس، ڪلياڻ نارِي شالا، تن سڀن مون کي ڳوٺڙي ڏني آهہ: هڪ هڪ جا شڪرانا مڃان ٿو ۽ وري وري دل اَندر هيءَ اکر پيو اُچاريان: ”شڪرانا!“ ”شڪرانا!“ توهان ڀائرن

سين پستڪن، پرچن ۾ اکر آهي هڪ: اُهو هڪ ننڍڙو اکر شل توهين ياد ڪريو، دل جي اَندر رکو. تنهن لاءِ ضروري آهي تہ فقط پنهنجي نظر نيڪ رکو، صاف رکو، نرمل رکو، تہ اُن اِڪ اکر ۾ توهان کي سڀ ڪجهہ ملي ويندو. تنهن ڪري ميران اِسڪول جي سڀني ۾ مون هن ڳالهہ تي زور ڏنو تہ ''نام ڄپيو''. ٻالڪن ٻالڪين کي چئو تہ نام پڙهن. تنهنڪري جڏهن ميران اِسڪول کلي، تڏهن روز روز شروعات ۾ شري سڪمني صاحب مان پاٺ ڏئي ٿو، جو تہ شري سڪمني صاحب اَتو نام جو شاستر. نام ڪافي! نام ڪافيِ!

اڄ اوهين قرب ۾ آيا آهيو، پيار ڪٺي آيا آهيو، روحاني آسيس کٺي آيا آهيو: شل اوهان جي دلين اَندر هي ويچار رهي تہ هڪ اکر، هڪ حرف ڪافي، سو اَتو نام. نام نہ وساريو!

هڪ ڏينهن مان بہ اُباڻن جي راهہ ۾ ويندس. هڪ ڏينهن هي سرير ٿيندو خاڪ، مٽي. هڪ ڏينهن مان بہ وڃي ملندس پنهنجن پيارن سان: اُن ڏينهن شل اَوهان مان ڪي اِن ڳالهہ جي ساکي ڏين تہ هي اَسانجو نوڪر، خدمتگار واسواڻي روز بروز هن هڪ ڳالهہ تي زور ڏيندو هو تہ: ''نام جپيو! نام جپيو! نام نہ وساريو! سنسار جا پئسا پدارٿ هڪ ڏينهن هليا ويندا. نام نہ وساريو!''

اَوهان مون کي پئسو ڏنو آهي: منهنجو ڪونهي. اَوهان سين جا شڪرانا: پر وڏيڪ شڪرانا منهنجي دل اَندر اُٿندا جڏهن مان ڏسندس تہ ميران اِسڪول ۾ ۽ ٻين اِسڪولن ۾، هن مڪان تي ۽ ٻين مڪانن تي نام ياد آهہ. نام نہ وساريو! نام نہ وساريو!

وهاري، مون کي نهار، نينهن نيڻن سين نهار. پاڻي پيئار تہ اُڃ اُتري. تو لئہ وڏيڪ وڏيڪ پيار جاڳي. اِها بخشيش ڏي تہ ڪٽي وڃان لوڪن وٽ: ۽ ڪن جو آتت ٿيان.

*

ڪالهہ وينو هوس پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾. اوچتو ئي اوچتو منهنجي اندر ڪي اکر آيا: هي درد پريا اکر:-

”پيئا ڪين پاتم، لهي هاڻ تو سچ:
اَتم اِڪ سنيهو، نہ مون ڪوڙو ڪچ!
سڪ ۾ سڏ ڄ،

متان چون:- ”وات ويئي وسامي!“

يائرو! پينرون! توهين جيڪي مون بابت چئو ٿا سو برابر ناهي. نڪي ساڌو آهيان، نڪي سنت! هڪ نوڪر آهيان، هڪ خدمتگار؛ دل اَندر پياس اَتم تہ پنهنجي پريتم جو درشن پايان! منهنجو محبوب، منهنجي دل جو راڻو: اُنکي اڃا ڪين پاتو اَتم. هڪ معمولي ماڻهو آهيان؛ پر پياس اَتم: اَلا! اَڃا ڪين پاتو اٿم. منهنجي جيون جو سچ لهي ٿو: پر اڃا پريتم ڪين پاتو اٿم. پريو! مون کي ڪوڙو نہ ڪچ! مون کي درشن ڏج، سڪ ۾ سڏج، گود ۾ وهارج: متان چون تہ ”ويچاري وات تي ئي وسامي ويئي تنهنجي درشن بنان.“ هن داس کي ڏي پنهنجو درشن ديدار.

منهنجا ٺاڪر! پئج رکج. دل ۾ اٿم پياس: ۽ ”شڪرانا!“ شڪرانا ڇو اٿم؟ هڪ ڳالهہ وڏيڪ پيو سمجهان تہ زندگي غمگينيءَ لئہ ڪانهي. پر جيون اَتو راڳہ. شيام سندر جي پرم

پينرن، هندستان مان ۽ ولائت مان جن بہ پئسا موڪليا آهن، تن سڀن جا شڪرانا! اوهانجي چرنن ۾ سر ٿو جهڪايان: شڪرانا! شڪرانا!

هڪ ننڍڙو گيت مون لکيو، جنهن ۾ منهنجي دل جو ڀاءُ پرڪاش ٿئي ٿو. اوهانجا پئسا ڪِين ڪين: نڪي هزار، نڪي لک، نڪي ڪروڙ. مان تہ هڪ نوڪر، خدمتگار، گولو پنهنجي پريتم جو، جو ٿُهري ٿو دل جي سوڪڙي. منهنجي دل اَندر درد آهہ: دنيوي خرالو سڀ اُٿو ڏوڙ، پر اُوهان ڪان پنان ٿو آسيس. منهنجا پائر ۽ ڀينر هنوقت دکي آهن، تنگيءَ ۾ آهن، تڪليف ۾ آهن: ۽ مون کي دل ۾ درد آهہ. آسيس ڪريو تہ مان تن جو آتت ٿيان. اَڄ مون هي اکر لکيا:-

درد دل ڏُکائڻ، ساجن سوُنهن وارا!
پيئا جي پسڻ جي، اَتم اُڄ پيارا!
هِت آهہ رُڄ، نڪي نظر ڪي سِتارا!
تہ ڪوٺ هاڻ راڻا! نينهن ۾ نيارا!
اَچِي تون نهار، جيئڻ جا جيارا!
پيئار تون پيارا! تہ اُڄ اُتري اُڄ سان!

سونهن وارو سائين تون! پر منهنجي دل اَندر ڏُکايو اٿيئي درد. اندر ۾ اُڄ اُتم، ڏاڍي اُڄ: تو بن بيو ڪير اُڄ لاهي؟ ناڪرا! تنهنجو درشن ڪريان: اِها پياس منهنجي دل اندر آهہ. هت تہ آهہ رُڄ: پاڻي نٿو ملي. هيءُ تنهنجو نوڪر آهہ اُڃايل: پاڻي پيئار! پاڻي پيئار! اٿم اِها پڪار! آسمان ۾ نهاريان: تارا نٿو ڏسان. منهنجا روح راڻا! ڪوٺ مونکي، تون ڪوٺ مونکي! پنهنجي چرنن

(٨)

نئين سنڌ ۽ نئون ڀارت!
ڳوٺن ۾ جاڳرتا

هن وقت مان ڇا چوان؟ اُوهان جو قرب عجيب آهه! هن وقت مان اُوهان جي اڳيان بيٺو آهيان هن وينتيءَ سان تہ اُوهان جي آسيس پايان. مون کي آسيس ڏيو! پيارا ڀائرو! منهنجون ڀينرون! مون کي آسيس ڏيو! جيڪر اِهي ٿورا اکر چئي مان ويهي رهان!

هن وقت منهنجو سرير ڀڳل آهي: منهنجو آواز ٿڪل آهي. هن جيون جو منهنجو ٨٠ سال شروع ٿئي ٿو. فقط هڪ ڳالهہ چاهيان ٿو، آسيس، سڀن جي آسيس! جدا جدا هنڌن تان مون کي ڀائرن ۽ ڀينرن پيار موڪليو آهہ. نہ لائق مان اِن پيار جو.

هن وقت ورِي ورِي سائينءَ جي مهر جي يادگيري دل اَندر اُٿي ٿِي: سائينءَ جا شڪرانا! شڪرانا! اڪرن ڪان بهتر سانت آهہ: جيڪر سانت ۾ وهان. پر اُوهان مون کي چيو آهہ تہ اُوهان جي چرنن ۾ ڪي ويچار ضرور رکان. تنهن لئہ بہ منهنجي وينتيِ آهہ ڪرپا ڪري سانت ۾ وهندا.

سَکيا جو نالو آهہ ”گيتا.“ جيون اُتو اِڪ گيت، اِڪ عجيب راڳہ: پر اڪثر ٻڌون نٿا. اِهو گيت، راڳہ ڪيئن ٻڌون؟ ستار کوليو. ڪيترا زندگي رهن ٿا پئسي ڪمائڻ واسطي، اِنڪري جيون جو راڳہ نٿا ٻڌن. ڪم ڪاريون ڪن ٿا، وديا وٺن ٿا: پر ڇا مليو؟ ”اَرٿ“، پئسي پدارٿ جي پنيان آهن ڪيترا: پر ڇا مليو؟ جيون جو راڳہ، پريوءَ جي گيتا ٻڌوا دل جي ستار کوليو: هينيان اکر بہ مون اچ لکيا.-

کول ستار تون دل درديءَ جي،
هڻ تون تند همدرديءَ جي:
هيا سڀ ساز وِسارا

ستار کوليو، جنهن ستار اندر هجي درد دل جو. وڃي سين کي همدردي ڏيوءِ تنکي شيوا ڪريو. هيا سڀ ساز وساريو. هڪ پيو چوي تہ ماڻ ڪيي، وڏائي ملي: ساز ڦتو ڪر، پيارا! اِڪ ٻيو پيو چوي: پئسو پدارٿ اَڻ مَيو ڪيي: اِهو ساز بہ اٿيئي ڪوڙو! ڦتو ڪر، پيارا! جيون جو سچو ساز کول: اُن جي تند تار تي وڄاءِ! سو ساز اٿيئي همدردي: غريبن دکين جي شيوا! اِڪ ساز وڄاءِ! هيا سڀ ساز وِسارا

”ايڪادشيءَ جي پوتر ڏينهن جيڪر ڪوليون! ديا درشتي ڪوليون! اِهو منهنجو يوڳہ آهي!“

اُن ڏينهن جيڪر دان ڪرڻ سڪون: ڏيون! ڏيون! دکين غريبن جا خذمتگار ٿيون. ايڪادشيءَ جي گيارس جو پيغام آهي:- ”اَچو تہ گڏجي هلون، تيرٿواسي ٿِي پنڌ ڪريون، اُن نگر ڏي، جت جوت جڳي اَبناسيِ!“ بيشڪ! اَسين سڀ جوت نگر ڏي ياتريِ آهيون.

اِهو اَٿو سنتن جي جيون جو آدرش، سنت گيانيشور ۽ سنت تڪارام جي جيون جو آدرش. هن داس بہ پنهنجي اڳيان اِهو آدرش رکيو آهہ: پر اُن آدرش جي پيرويِ پوريءَ طرح ڪين ڪئي اَٿم: اَڄوڪي ڏينهن سائينءَ جي در اَٿم هيءَ پرارٿنا: ”ڏي معافيِ!“

سنڌ جو پرسڌ فقير مون کي ڏاڍو پيارو آهہ. پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ کي اکر چوي ٿو. کهڙا نہ مٺا اکر!

”ٻول مَ وِساريج، تو جو ڪيو هوت سين!“

”ٻول“ معنيٰ ”اَنجام، اِقرار“. هيِ فقير چوي ٿو:- ”متان وسارين! اِقرار پنهنجو متان وسارين، جو تو پنهنجي هوت سان، محبوُب سان، پريوءَ سان ڪيو، سو اِقرار نہ وسارج! نہ وِسارج!“

هن وقت مان ٨٠ سال جي چانئٺ تي بيٺو آهيان. بہ اَنجام مون ڪيا آهن:- (١) تہ سرير آهہ پريوءَ جو مندر، (٢) غريبن، دکين جي شيوا. اِنهن آدرشن ڪان مان وقت بوقت پري رهيو آهيان. پر اِڪ ڳالهہ مان سچ سان چئي سگهان ٿو تہ پريوءَ جي ڪرپا مون ڪان پري ڪين ٿي آهي: پريوءَ جي ڪرپا مون کي

مون کي هڪ ڏينهن جي يادگيرِي اَچي ٿِي. پري پري ولايت جي اِڪ شهر ۾ هوس. مون کي ڪن پائرن ۽ پينرن مليِ چيو:- ''اَسان کي ٻڌاءِ تہ سانت ڇا آهہ؟''

مون چيو مان تہ ''سانت اِڪ شڪتي آهہ، اِڪ عجيب طاقت!''

بيشڪ' جنئن مان ملڪ گهميو آهيان، ڪيترن شهرن ۾ ويو آهيان ۽ ڳوٺن ۾ ماڻهن کي مليو آهيان، جدا جدا قومن جا ماڻهو، جدا جدا ملڪن جا ماڻهو، پائرن ۽ پينرن جي چرنن ۾ وينو آهيان، ننڍا ٻالڪ ۽ نوجوان، عمر ۾ وڏا پائر ۽ پينر، تن سان مون گفتگو ڪئي آهہ، تئن هڪ ڳالهہ منهنجي دل جي اَندر وري وِري اُٿي آهہ تہ ''سانت اِڪ شڪتي آهہ.'' Silence is power! ۽ منهنجي جيون جو اِڪ آدرش هي ٿي رهيو آهہ، تہ جيترو ٿي سگهي، اوترو گوڙ شور کان پري رهان!

شايد ضروري آهہ تہ اَوهان کي چوان تہ منهنجي جنمَ ۾، سنڌي تاريخن موجب، منهنجو جنم، ڪارتڪ مهني ۾ ايڪادشيءَ جي گيارس، ڇئين ٻجي صبوح جو ٿيو.

ايڪادشيءَ جي گيارس هِت مهاراشٽرا ۾ کهڙي نہ پوتر ليکجڻ ۾ اَچي ٿِي! ۽ مون کي ياد اچي ٿي وري وِري سنت تڪارام جي سکيا ۽ سنت گيانيشور جي سکيا. ٻئي هن ڳالهہ تي زور ڏين ٿا تہ ''ايڪادشيءَ جو پوتر ڏينهن نرمل ڀاو ۾ ملهايو.''

گيانيشور اِڪ پنهنجي اَينگہ ۾ چوي ٿو:- ''ايڪادشيءَ جي پوتر ڏينهن مان اِڪ پريوءَ کي سڀن ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو،- سڀن ۾ اِڪ سائين، اِڪ پريو، سڀن ذاتين، سڀن قومن سڀن ڌرمن ۾ اِڪ پريو!'' ''اِهو درشن''، هي سنت چوي ٿو

”سنت“ آهيان، نڪي ڪو ”ساڌو“، پر هڪ ڳالهه سچي آهه ته هن نالائق تي پريوءَ جي ڪرپا چمڪي آهه وري وري!

ٻن آتش جي اِنسانن منجهان ڪي توريون چڻگون هن داس پنهنجي جيون ۾ جهپيون: اُهي چڻگون وڌنديون وييون: تان جو منهنجي دل اَندر به آگ ٻرڻ لڳي. منهنجي اَندر اَجا آتش آهه: اُن جو ذڪر ڪئن ڪريان؟ نه اڪرن ۾! پر ڪڏهن جيڪر ڏسو منهنجون اکيون، ڪڏهن جيڪر منهنجين اکين جي ڳوڙهن سان ڳالهايو ته توهان کي ڪجهه پروڙ پوي ته هن ورڌ سرير جي اَندر هڪ عجيب آتش آهي.

پکيئڙو پيو گيت ڳائي:

اِڪ اِڪ جي اَندر آتش آهي!

اِن آتش ۾، اِن آگ ۾، مون جدا جدا ڪمن ۾ پاڻ کي رُڌل رکيو آهه. هڪ آهه وديا جو ڪم. اِنهيءَ ڪري مون کي پيار آهه ميران اِسڪول واسطي. مان چاهيان ٿو ته ”ميران اِسڪول“ جيڪر کيترائِي هجن، ته جيڪر ميران اِسڪولن جي سکيا جدا جدا شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڃي. جيڪر ڳوٺن ۾ نئين وديا کلي!

ميران اِسڪولن جي نئين وديا ڇا آهي؟ هيل تائين اِسڪولن ۾ ڪوشش ڪئي ويئي آهه ته دماغ کلي. مان چاهيان ٿو ته Development of intellect سان گڏ دل (Heart) به کلي. ۽ دل اَتو پيار جو مندر! شل پيار کُلي! ۽ ٽيچر هڪبئي سان پيار قرب ۾ هلن! پوءِ جيڪر هي جهيڙا، تڪرار نه ٿين، جي ”ڌرم“ جي نالي کي بدنام ڪن ٿا: پوءِ جيڪر ڌرم جي نالي واسطي عزت ٿئي، ڇو ته جيڪر هيءَ پروڙ پوي ته ڌرم آهه شڪتي، - ايڪتا جي شڪتي،

وريِ وري جهلي بيني آهه. تنهنڪريِ اَجوڪي ڏينهن پريوءَ جو رحم، فضل، جو هن نالائق تي ٿيو آهه، تنهن جيِ بہ ساکيِ ڏيڻ ٿو چاهيان.

عمر ۾ ننڍو هوس: حيدرآباد شهر ۾ هڪ اِسڪول ۾ شاگرد هوس: اُن وقت ڪان وٺي ڪٿن نہ سائينءَ جي ڪرپا مون تي چمڪي! اِڪ پريوءَ جي پياري جو سنگہ مون کي حيدرآباد شهر ۾ مليو.

هڪ ڪتاب ۾ مون هڪ ”پکيءَ“ بابت پڙهيو: اُن جو نالو هو Bird of fire ”آتش جو پکيِ“. اُن پکيءَ پٺي گيت ڳايو:-

”پکيئڙو پيو گيت ڳائي:
اِڪ اِڪ جي اَندر آگہ آهي!“

اهڙو هڪ ”آتش پکيِ“، ”آگہ جو اِنسان“ مون کي مليو، تنهن کي سال ٿيا: سندس چرنن ۾ ويهي مون ”وديا“ ورتيِ.

اُن ڪانپوءِ، وريِ ڪي سال پوءِ منهنجو وڃڻ ڪلڪتي شهر ۾ ٿيو. اُت مون کي ٻيو هڪ اِنسان مليو، ٻيو ”آتش جو اِنسان“، جنهن کي مون پنهنجو ”روُحاني گروُ“ ڪيو.

ٻئي هڪبئي کي سڃاڻندا هئا. ٻنهي کي قرب هو، پيار هو سنت رامڪرشن واسطي. ٻنهيِ جي دلين اَندر عجيب قرب هو سڀني سنتن واسطي، ٻنهي جي دلين اَندر پيار هو ڀارت ۽ ولايت واسطي، ٻنهي جي اَندر ملڪ محبت هئي ۽ ملڪ محبت سان گڏ، سڀني ملڪن ۽ قومن ۽ ڌرمن واسطي پيار هو.

اُوهين پنهنجي پيار ۾، قرب ۾، مون بابت ڪيتريون ڳالهيون چئو ٿا، جي مان برابر نٿو سمجهان. مان نڪي ڪو

مرد پنهنجين اِسترين سان ڪهڙي هلت هلن ٿا؟ جيڪڏهن ميران اِسڪول جهڙا اِسڪول کلي وڃن ته مان سمجهان ٿو ته اَسان کي وڏيڪ وڏيڪ اُميد ٿئي ته اَسان جا ڳوٺ نوان ٿين ۽ اَسان جي جيون بهتر ٿئي.

منهنجو ويچار آهي ته نئين زندگيءَ جي پُڏ اِسڪولن جي اَندر کلندي ۽ ڀارت کي نئون ڪندي.

The battle of a new and better world will be fought in our Schools.

جيڪر هڪ هڪ ميران اِسڪول شيوا جو مرڪز ٿئي! ۽ منهنجو ويچار آهه ته ''شيوا''، سچي شيوا جي جوت ننڍڙن، نماڻن ڪمن ۾، ننڍڙن، نماڻن اِسڪولن ۾ پرڪاش ٿيندي. منهنجو هڪ ماٽو آهه: - ''!All is in little'' منهنجو آدرش آهه: - ''!Service in little things''

تنهنڪري مان وري وري چوندو آهيان: - ''ننڍن ٻالڪن ٻالڪين جي سنڀال ڪريو! ننڍن ٻالڪن ۽ ٻالڪين جون منڊليون کوليو!''

سين کي سک کپي. پر سک ڇا ۾ آهه؟ سنسار جي مان شان ۾ سک آهي ڇا؟ دنيا جي اَختياري وٺڻ ۾ سک آهي ڇا؟ نه! پياري پائرو ۽ پينرون! اِنهن ڳالهين پنيان اَسين ڪيترو نه وقت پيا وڃايون، شان مان پنيان، عهدي اَختياريءَ (Power) پنيان! پوءِ اَسان کي پروڙ پوي ٿي ته هي سڀ آهه ''ڏولي جا ڍيلا''، ڏوڙ جا ڍير!

ولايت جي هڪ ودوان هڪ سندر پستڪ لکيو. اُنجو نالو آهه: - ''Decline and fall of the Roman Empire''' ''هيءَ وڏي سلطنت، روم جي ڪري پيئي: ڇو؟'' اِن سوال جو جواب هي ودوان پنهنجي ڪتاب ۾ ڏئي ٿو ته ''سلطنت ڪري پيئي: ڇو؟ سبب ڪهڙو؟''

شيوا جي شڪتي، پيار جي شڪتي، غريبن دکين جي خذمت جي شڪتي.

منهنجي اَندر اِهو سپنو آهه ته ڳوٺن ۾ ميران اِسڪول کلن ۽ جئن اهڙا اِسڪول ڳوٺن ۾ کلن، تئن جيڪر ڳوٺاڻن جي جيون ۾ نئين شڪتي کلي.

پهرين ڳالهه: کاڌو: Food هن وقت ويچارن ڳوٺاڻن کي کاڌو پوُرو نٿو ملي. ۽ منهنجي اکين ۾ اَتو ڳوڙها: دل منهنجي ۾ اَتو دردا جيڪڏهن ڳوٺن ۾ ''ميران اِسڪول'' جهڙا سچا اِسڪول هجن ته هڪ هڪ اِسڪول گرامن ۾ نئين شڪتي ڦوُڪي. جڏهن ڳوٺاڻن کي کاڌ ملندو، تڏهن ڀارت اَندر هڪ نئين شڪتي کلندي.

(۲) کاڌي سان گڏ، صحت ۽ صفائي به ضروري آهن. هڪ هڪ ڳوٺ ۾ جيڪر وڏيڪ دواخانا (Dispensaries) کلن ۽ هڪ هڪ ڳوٺ ۾ جيڪر Sanitation ۽ بجلي (Electricity) ڳوٺاڻن جي جيون شڪتي کولي.

(۳) هنن سان گڏ، جيڪر ميران اِسڪولن جي معرفت رشين جو آدرش پرڪاش تئي. جيڪر ڳوٺاڻن کي گيتا جي بهتر پروُڙ پوي ۽ روُحاني شڪتي کلي.

(۴) تنهن سان گڏ ڳوٺاڻن جي اَندر ملڪ محبت وڌي: ۽ پنگت ۽ سنگت واسطي وڏيڪ پيار جاڳي. جيڪر غريبن دکين جي شيوا ۾ ڪيترا پنهنجي جيون ڪرتارت ڪن ۽ ڀارت کي نئون ڪن. سچي آزادي (Freedom) ۽ Social justice ڳوٺن کي نئون ڪري.

هن وقت اَسان جي ڀينرن جي حالت ڪهڙي آهه؟ ڪيترا

نٿو ٻڌي، جو پنھنجي زندگي غريبن دکين جي شيوا ۾ نٿو خرچ ڪري، جو وڏائيءَ پنيان آهي ۽ پنھنجي جيون جي اَندر ”نام“ جي جوت نٿو جڳائي، اُهو سک ڪان پرڀي آهه.

ڪم ڪاريون ڪريو، سنسار ۾ رهو، دنيا جا فرض پالن ڪريو: پر رکو ياد هيءَ ڳالهه ته سچو سک اَٿو نه وڏائيءَ ۾، پر نام ۾، شيوا ۾! سو نام نه وساريو! سو پريو نه وساريو! اِن نام جي شڪتيءَ ۾، نام جي طاقت ۾، اِن اِيشور جي مهر ۾، هت هندستان ۾ اَچي، ڀارت ۾ اَچي، نئين سنڌ بنايو! ۽ هردي جي اَندر نام کي ياد ڪريو ۽ ڀارت کي چاڙهيو، مٿي چاڙهيو ته پيارو ڀارت وري ٿئي دنيا جو شيوڪ، غريبن دکين جو خذمتگار!

*

مان اَوهان جو شڪرگذار آهيان، جو اَوهان شپ ڪمن لئه مون کي ڏيڊ لک کان وڌيڪ ڏنو آهي. پر پئسو پدارٿ مليو ته ڇا مليو؟ اوهين جيڪو پئسو پدارٿ ڏيو ٿا، سو شل غريبن دکين جي شيوا ۾ خرچ ٿئي! جڏهن اِنهيءَ سچي شيوا ۾ خرچ ٿئي، تڏهن مان توهان کي سچ سان چئي سگهندس:- ”مبارڪ! مبارڪ! مبارڪ هو! مبارڪ!“

”روم“ ”Power“ وڏائيءَ جي پنيان پيو ۽ ڪِري پيو. ”روم“ ”شيوا“، ”همدردي“ پيار جو رستو وساريو ۽ ڪِري پيو.

اِن پستڪ ۾ ذڪر ٿيل آهه اِڪ وڏي بادشاه جو. اِن جو نالو هو ”سلطان عبدل رحمان“. اِهو بادشاه ڇا ٿو ڪري؟ وڏو بادشاه هو. شان شوڪت وارو. وڏو لشڪر ڪيس هو. سندس مان شان گهڻو. چوي ٿو:- ”٥٠ سالن کان وڏيڪ مان بادشاه ٿِي رهيو آهيان ۽ ٻين ملڪن جا بادشاه مون سان چڱيءَ طرح هلن ٿا. مون کي ڪيترو ئي خزانو آهي ۽ منهنجو لشڪر مون سان اِيماندار، سچيار آهه.“

پوءِ هي بادشاه چوي ٿو:- ”پر مون ويهي جاچيو آهه تہ راڄ جي ٥٠ سالن ۾ مون کي سک جا فقط ٿورا ڏينهن مليا آهن، فقط ١٤ ڏينهن! ٻيا مهنا، ٻيا سال، ٻيا ڏينهن ڪٿن ويا؟ گوڙ شور ۾، تڪليفن ۾، مشڪلاتن ۾! فقط ١٤ ڏينهن ٥٠ سالن جي اَندر مون کي سک جا نصيب ٿيا آهن!“ اِها اَٿو ساکي، شاهدي هڪ وڏي بادشاه جي.

تڏهن سک ڇا ۾ آهہ؟ اَجڪلهہ جا پڙهيل ماڻهو ”وڏائيءَ“ پنيان پيا ڊوڙون پائين. اِڪ ڏينهن ڪين پروڙ پوي ٿِي تہ ”سک“ اِن ۾ ڪونهي.

تڏهن سک ڇا ۾ آهہ؟ نہ ”وڏائيءَ“ ۾، نہ ”Power“ ۾، پر شيوا ۾، غريبن دکين جي خدمت ۾! هڪ هڪ ميران اِسڪول جو اِهو ڪم هئڻ کپي تہ شاگردن کي ”شيوا“ جي مارگہ لاءِ سيڪاري، تيار ڪري هلائي!

مان پنهنجي پِتَل مورکي نموني ۾ چوندو آهيان تہ ”سک اَٿو نام ۾!“ نام بنا سک ڪونهي. جو پنهنجي جيون پريوءَ جي نام ۾

پرواھ ڪرين! ڪم ڪر، پيارا! وڃي ڪم ڪر! پر ڪم جي ميدان ۾ نہ پئسي ڏي نهار، پر پاڻ سان وٺي هل پريو، ڪلتار!''

ڪي قانون آهن جن جي اَسان کي پوري خبر ڪانهي، جن موجب جڳہ هلي ٿو. ۽ هڪ قانون هي آهہ تہ هي چڪر هلي ٿو پريوءَ جي حڪم ۾: تنهنڪري پريوءَ جي چرنن ۾ ويهي، پيارا! پريوءَ کان نہ پئسو پدارٿ گهر، پر پريوءَ کي آراڌنا ڪر تہ ''هي پريو! شل ڪم ڪار ۾، منهنجي سموري جيون ۾، تنهنجي اِڇا پوُرن ٿئي!'' ''Thy Will be done!'' غريبن جي شيوا ڪريو، پر اُن ۾ وجهو هيءَ پرارٿنا:- ''پريو! شل تنهنجي اِڇا پورن ٿئي!'' جي ائين ڪندا تہ اَوهان جي ڪم ڪار تي ''برڪت'' اِيندي. اِهو ''برڪت'' جو قانون اٿو The Law of Plenty, of Abundance. اُن تي برڪت اَچي ٿي، جو سائينءَ در گهر ڪري ٿو طاقت، شڪتيءَ واسطي، جو پرارٿنا ڪري ٿو:- ''پريوا مونکي بل ڏي تہ تنهنجي شيوا ڪريان، غريبن دکين جي شيوا ڪريان!'' پئسو پاڻيهي اَچيٿو. ڏسو! اوهان ڪوٽ ڪٺي ٢٥ هزارن واسطي: پر اَوهانجي اَندر پيار هو ۽ پريوءَ ۾ صدق هو ۽ سندر، شپ ياونا هئي: اوهان وٽ ٦٥ هزارن رپين ڪان مٿي هليا آيا آهن ۽ مان سمجهان ٿو اَجا بہ وڌيڪ اوهان وٽ اِيندا!

تنهنڪري مان شڪرگذار آهيان هڪ هڪ جي قرب ۽ پيار واسطي. اِڪ ننڍي ٻالڪي مون کي آٺي ڏنا ١٢ آنا! ڪئن نہ خوش پئي ٿي! مان سمجهان ٿو اُن ٻالڪيءَ کي جا خوشي ٿي، اوتري خوشي منهنجي دل اَندر بہ آئي. ڇو؟ انهن ١٢ آنن جي اَندر هو قرب ڪلتار جو. هن ڪمزور زبان سان اوهان سڀن جا ورِي شڪرانا

(٩)

اَلا! بنيون پيبيون وِسامن!

(١)

ڪيتري وقت کانپوءِ اَڄ مون کي موڪل ملي آهه تہ ڪي ٿورا اکر چوان: مهنجا گذري ويا ماٽ ۾؛ اڄ چيائون تہ ”بيشڪ زبان کول.“

پيارا ڀائرو ڀينرون! اَوهان کي ڇا چوان؟ زبان منهنجي ڪمزور آهہ ۽ اکر منهنجا پڱل آهن. ڪي ٿورا پڱل اکر هن پڱل دل جا شل اَوهان مان ڪن جي دلين اَندر گهڙي وڃن!

اَڄ مون لئہ هڪ پوتر ڏينهن آهہ: اَڄ پيو پاڻ کي وري وري چوان تہ ”جيون ياترا آهہ تيرٿ ياترا!“

اَوهان جو شڪرگذار آهيان، ننڍن ۽ وڏن جو، ننڍين ۽ وڏين جو، اَوهان سڀن جو شڪرگذار آهيان: ڇا جي واسطي؟ اَوهان مون کي ٦٥ هزارن رپين جو چيڪ ڏنو آهي: اَوهين مهربان آهيو: اَوهان جي پيار، قرب واسطي شڪرگذار آهيان، تهدل شڪرگذار!

ڪيترا نہ سال ٿيا جڏهن پنهنجي گروءَ جي چرنن ۾ ويهي مون سکيا ورتي. اُن وقت هڪ سبق مرشد جي مکتب ۾، هڪ سبق گروءَ جي چرنن مان سکيس: سو هي: ”متان پئسي جي

وڃائي، جن پاڻ کي وساريو، سي اگهيا؛ تو وٽ قبول پيا. پئسي جو ملهه به تڏهن آهه، جڏهن سائينءَ وٽ اگهي ٿو، قبول پوي ٿو ۽ آتم شڪتيءَ جو اوازا ٿئي ٿو.

*

اَڄ سانت ۾ مون ويهي پڇيو:- ”سائين! اَڄ ڀائر پينر مون کي هزارين رپيا ڏين ٿا: سائين! اُوهان کي ڇا کپي؟“ اِن سوال جو جواب مون کي هنن اکرن ۾ آيو:-

”اِڪ سوکڙِي منهنجي در تي آڻ:
نه سون، پر دل سچي، پنهنجو پاڻ!“

صاحب کي کپي سچي دل. دل سچي تڏهن ٿئي، جڏهن دل صاف ٿئي. پياري ڀارت ۾ ڪيترين نه سنسٿائون آهن ۽ ڪيترو نه ڪم ڪن ٿيون! پر مون واسطي مکيه سوال آهي ته ”ڪهڙِيءَ دل سان اَسين ڪم ڪريون ٿا؟“ صاف پوتر دل سان اَسين ڪم ڪريون ٿا يا نه؟

مون کي موڪل ڏيو ته اُوهان جي چرنن ۾ هڪ ويچار رکان. سچي دل کُلندي، صاف دل ٿيندي، جڏهن توهين ۽ مان غريبن دکين جو سنگ ڪمائينداسين. اِهي غريب، دکي گهڻا اَتو ڳوٺن ۾. جيستائين ڳوٺن ۾ پورا ڪم ڪندڙ ڪونهن، تيستائين پيارو ڀارت اَصلوڪي تصوير ڪين وٺندو. وڏيون ڪلون، وڏيون Industries نئون ڀارت ڪين ناهينديون. نئون ڀارت ٺهندو، جڏهن ڳوٺاڻن جي اَندر نئين شڪتي اِيندي.

مونکي دک آهه ته ميران اِسڪول بابت منهنجا سپنا اڃا سڦل ڪين ٿيا آهن. ڇا ٿيو جو پوني ۾ ”ميران هاءِ اِسڪول“ کليو؟ ڇا

مچان ٿو.

۽ اڄوڪي پوتر ڏينهن دل جي اَندر پيو پڇان: ڇا پيو پڇان؟ ”جي پُڇن، سي پَسن.“ ائين چيو پنهنجي ٻاٽيءَ ۾ اَسان جي سنڌ جي پياري، شاه لطيف! ”جي پُڇن، سي پَسن.“ مان پاڻ کان ڇا پيو پڇان؟ اَڄ وينس هِت: مون ڏنو ته اُوهان ساکه جا اکر چوڻ شروع ڪيا ۽ مان اَڄي ڏنس: ڇو؟ منهنجي پياري گروءَ مون کي چيو: - ”متان پنهنجن ڪنن سان پنهنجي ساکه ٻڌين!“ ۽ پوءِ چيائين ته ”جي پنهنجي ساکه ٻڌندين ته تنهنجي آتم شڪتي ويندي گهٽ ٿيندي.“ اِها سچي ڳالھ آھ. تنهنڪري جي منهنجا خير خواه آهيو ته منهنجي ساکه نه ڪريو، پر پريوءَ جي مهما ڪريو ۽ اُن اڳيان سر جهڪايو!

هِت اوهان اڳيان ويهي مون پئي پڇيو آھ: ڇا؟ اَڄوڪو ڏينهن منهنجي واسطي سانت جو ڏيڻ ڪيي. اَڄوڪي ڏينهن، جڏهن منهنجي اڳيان اَڄي ٻيهي ٿي هيءَ تصوير ته جيون آھ ياترا، ڪل مان ياتري ٿي جيون جي راه ۾ هلندو هلان! تنهنڪري سانت ۾ ڪجھ وقت ويهي ويچار ڪريان ته ”هيءَ ياترا ڇا واسطي آھ؟“ رهين جون ڳوتڙيون اُوهان ڪنيون ڪيون آهن! متان تن ۾ پاڻ کي اَڙايو!

ڪي اکر اَڄ مون شاه لطيف جي ٻاٽيءَ ۾ پڙهيا ۽ پوءِ سانت ۾ ويهي مون ٿوري ڦير ڦار ڪري لکيو هن طرح: -

”مون ۾ تون موجود، تون موجود:
اَڳڻ تنهنجي سي اَگهيا، جن وڃايو وجُود.“

منهنجا سائين! تون مون ۾ آهين! جن وجود وڃايو، جن هستي

ڪمل چرنن ۾ وينو. هِڪ ڏينهن ڪرشن اوڌو کي چيئو:- ”اوڌو! پيارا اوڌو! گوڪل ۾ وڃ! گوڪل اَتيئي هڪ ننڍو ڳوٺ، پر اُت اتيئي گوپيون نماڻيون. گوڪل وڃ تون ۽ وڃي گوڪل جي گوپين کي منهنجي پاران پڪ ڏي ته ’اَوهان جو شيام هڪ ڏينهن اَوهان وٽ گوڪل ۾ ايندو، ضرور! ضرور!“

اوڌو گوڪل ۾ اَچي ٿو: اُت گوپيون ڏسي ٿو. عجب ۾ پوي ٿو ۽ چيئو:- ”مونکي ڪهڙي خبر ته هن ننڍي ڳوٺ ۾ اَهڙيون نرمل نماڻيون گوپيون آهن! هنن گوپين جي جيون ڪهڙي نه نرمل آهه! سندن هردو ڪهڙو نه پوتر! ۽ سندن ڳالهائڻ ۾ ڪيڏي نه نمرتا!“

ٿوري وقت کان پوءِ اوڌو ڪرشن وٽ موٽي اَچي ٿو. ڪرشن پڇيس ٿو:- ”اوڌو! گوڪل مان تو ڇا آندو آهه؟“

اوڌو چيئو:- ”هي ڪرشن! اِنهن گوپين جي چرنن جي ڌوڙ مان پاڻ سان کڻي آيو آهيان. اِن ڌوڙ جو ملهه ڪروڙن کان مٿي آهه!“ گوپين نماڻين جي ڌوڙ اوڌو کڻي آيو آهه ۽ ڪئن نه گد گد ٿئي ٿو!

ڪيترا اَوهان مان شايد منهنجي راءِ سان شامل نه ٿيندا: پر منهنجي دل اندر وري وري هي ويچار پيو اُٿي ته ”پيارو ڀارت نئون ٿيندو: پيارو ڀارت مِلڪن کي پيغام ڏيڻ واسطي تيار ٿيندو: ڪئن؟ جڏهن اَسان جي برادري ڳوناڻن سان ٿيندي ۽ اَسان جا ڳوٺ نئين روحاني شڪتيءَ ۾ اُٿندا.

هڪ هڪ هنڌ، هڪ هڪ مڪان، هڪ هڪ راهه ۾، مان پيو هڪ سائينءَ کي پڪاريان ۽ اُن جو آواز پيو ٻڌان هن طرح:-

ٿيو جو ڀوني جي ميران هاءِ اِسڪول ۾ ٻالڪن ۽ ٻالڪين جو تعداد وڌيو؟ جيستائين ”ميران اِسڪول“ پنهنجا مرڪز ڳوٺن ۾ نہ کوليندو، اوستائين منهنجو سپنو سڦل نہ ٿيندو. ڀل ڀرپوءِ جي اَهڙي دٻا ٿئي، جو ڳوٺن لاءِ ڪم ڪندڙ نڪري نروار ٿين! ڀل ڀرپوءِ جي اَهڙي ڪرپا ٿئي جو نهنا، نماڻا ۽ هوشيار ٽيچرس ملن، جي چون:- ”اَسين تيار آهيون: اَسين وڃي ڳوٺن ۾ مرڪز کوليندا سين ۽ ڳوٺاڻن جو سنگ ڪندا سين، ڳوٺاڻن جي آسيس ولندا سين!“ ميران اِسڪول جا نرمل آدرش تڏهن سڦل ٿيندا، جڏهن ڳوٺاڻن نماڻن جي سنگ ۾ وهندا سين ۽ سندن جيون مان سکندا سين.

ڀارت جي شڪتي اَتو آتم شڪتي؛ اِها شڪتي کلندي، جڏهن اَسان جي اَندر غريبيءَ جو ڀاءُ کلندو، جڏهن نماڻا ٿيندا سين، ۽ ڳوٺن جو سنگ ۽ شيوا ڪري ڳوٺاڻن جي آسيس پائيندا سين. اُن سڀاڳي ڏينهن نئون ڀارت چمڪندو ۽ ملڪن کي پنهنجو پيغام ڏيندو. يورپ ۽ آميريڪا کي ڪلن جو پيغام ڪين کپي: يورپ ۽ آميريڪا چونٿا:- ”ڪلون اَسان وٽ تہ اَگهيئي آهن.“ ۽ اُنهن ڪلن ولايت جي سڀيتا ۾ مونجهارو آندو آهي. ولايت جا ڪيترا ودوان هن وقت کُليءَ طرح چون پيا تہ ”ولايت جي سڀيتا وڃي پيئي ڪِرندي.“ ڀارت پيارو جڏهن ڳوٺن اَندر ويندو، تڏهن اِها نئين هلچل جاري ٿيندي، جنهن ۾ ڀارت جي آزادي ۽ دنيا جي سچي سک جي اُميد آهي.“

اوڏوَ اسان کان گهٽ ودوان ڪين هو. پڙهيل هو اوڌو، هوشيار هو اوڌو، وڏي ڪل جو هو اوڌو: ۽ اوڌو وڃي شري ڪرشن جي

نهاري پيو، تئن هن پياري جي اَکين ۾ اَچي پيو پاڻي. هن پياري سان کي ٿورا دوست بہ آهن: تن مان هڪ پڇيس ٿو:- ”پيارا! تنهنجي اکين ۾ پاڻي ڇو پيو اَچي؟“ تڏهن هي راجنيتي ودوان چوي ٿو:- ”اَءِ يار! هن وقت اَٿم اِڪ ويچار، تہ دنيا جي حالت ڏاڍي ڏکدائڪ آهہ.“ پوءِ چويٿو:-

”ٻتيون پيپيون وسامن،
اَلا! اوٽدهہ ۾ اُجهامن!“

مان بہ دنيا جي حالت جو ويچار پيو ڪريان ۽ پيو ڏسان تہ طوفان لاءِ پيا تياريون ڪن ۽ پيو پاڻ کي چوان:-

”ٻتيون پيپيون وسامن،
اَلا! اوٽدهہ ۾ اُجهامن!“

۽ منهنجون اکيون بہ پيپيون آليون ٿين! آلين اکين سان اَوهان کي نهاري پڪاريان پيو:- ”اَءِ سنڌ جي سنتن جا سنتان! اَءِ ڀارت جي رشين جا سنتان! متان فقيرن، درويشن جو خزانو ڇڏيو! متان رشين، سنتن جو خزانو ڦٽو ڪريو! دنيا جي ڏکي حالت ڏسي متان دلگير ٿيو! ڏکي حالت ڏسي بهادر ٿيو ۽ نئڙت ۾ پڪاريو:- ’ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪر جائينگي!‘ ’ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪر جائينگي!“

”(١) ڪم ڪريو! پر سمورو ڪم اَرپڻ ڪريو پريوءَ جي چرنن ۾! پريو اَسان کان وڏيون ڳالهيون ڪين ٿو گهري. (٢) ننڍڙا ننڍڙا ڪم سائين گهري ٿو.“

جڏهن شري ڪرشن کان اَرجن پڇي ٿو:- ”گرديو! اَوهان ڪي ڇا گهرجي؟“ تڏهن شري ڪرشن چويٿو:- ”پترم، پشپم، ڦلم، توئيم.“ ”پيارا اَرجن! مون کي ڪپي:- (١) اِڪ پتو: سو ڇا آهه؟ (٢) مون کي کپي اِڪ پشپ: سو ڇا آهه؟ (٣) مون کي کپي اِڪ ڦل: سو ڇا آهه: (۴) مون کي کپي پاڻيءَ جو چڪو: سو پاڻيءَ جو چڪو ڇا آهه؟ وقت ڪين اَتم جو ٻڌايان تہ ”پتو“ ڇا آهه؟ ”پشپ“ ڇا آهه؟ ”ڦل“ ڇا آهه؟ پر ”توئيم“ بابت اِڪ ٻہ اکر چوڻ ٿو ڇاهيان. ”توئيم“ معنيٰ ”ٿورو پاڻي“. پريو چاهي ٿو تہ اسين ڪيس ڏيون ”ٿورو پاڻي“، ”پاڻيءَ جو چڪو“. ڪيترا دفعا نہ ساٺت ۾، پنهنجي ڪونيءَ ۾ ويهي، هنن اکين ڳوڙها ڳاڙيا آهن! ۽ اِهو اکين جو پاڻي مون پريوءَ جي چرنن ۾ رکيو آهه ۽ پڪاريو آهه:- ”هي پاڻي، اکين جو پاڻي ڪر قبول! سائين! ڪر قبول! منهنجي قوم پيڙل آهه: اُن کي شاد ڪر تون، اُن کي نئون ڪر تون، اُن جو اُڌار ڪر تون، اُن کي آزاد ڪر تون!“

هن وقت دنيا جي حالت دکي آهه! هن وقت ملڪن جي حالت دکدائڪ آهه! ولايت جي هڪ وڏي راجنيتي ودوان (Statesman) بابت هڪ ڳالهہ مون پڙهي ۽ منهنجي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. اِهو راجنيتي ودوان هڪ ڏينهن پنهنجي گهر جي دريءَ اڳيان بيٺو آهہ: نما شام جو وقت آهہ: دريءَ مان نهاري ٿو. نهاري ڇا ٿو چوي؟ سج پيو لهي: سج ڏي نهاري ڇا ٿو چوي؟ جڏهن

مان حيدرآباد شهر ۾ هڪ غريب گهر ۾ ڄائس ۽ غريبيءَ ۾ نِپنس. منهنجو پتا، شري ليلارام، نالي طور ۽ سرڪاري دفترن ۾ هڪ ”زميندار“ ليکبو هو، پر غريب هو، بلڪل غريب! ڪن ڏينهن تي مون کي پاڻ سان گهمائڻ وٺي ويندو هو. اُن وقت هڪ دڪان تان پڳڙا وٺندو هو. هڪ ڏينهن مون کي چيائين:- ”پُٽ! مون ڪاڏو ڪونهي. هي پڳڙا وٺي پنهنجي بکہ لاهيان ٿو.“ منهنجي پوجيہ پتا جي زمين ڪري بلڪل ننڍي نہ هئي: پر هڪ ڳالهہ صفا هئي تہ اُن مان پيدائش بلڪل ٿوري ٿيندي هئي.

اِها ڳالهہ سچي آهہ تہ واسواڻي آکہ مان هڪ وڏو وڪيل ٿيو. اُن جو نالو هو مسٽر ٽيڪچند اوُڌوَداس واسواڻي. اُهو منهنجي پتا جو سؤٽ هو. منهنجي پتا جو پتا ۽ مسٽر ٽيڪچند جو پتا، ٻئي پاڻ ۾ ڀائر هئا: هوُ غريبيءَ مان چڙهيو ۽ پوءِ وڏو شاهوڪار ٿيو. شايد ٨ لکہ رپيا ڇڏي ويو. حيدرآباد جي وڏن شاهوڪارن مان هڪڙو هو ۽ عامل پنچائت جو ڪجهہ وقت پريزيڊنٽ بہ ٿيو. پر منهنجو پتا غريب هو ۽ غريب ٿي رهيو. ۽ مان ننڍپڻ کان وٺي غريبيءَ ۾ رهيس.

جيڪڏهن مان دل کولي پنهنجي جيون جو ذڪر ڪريان تہ جيڪر چوان تہ مون کي ننڍپڻ ۾ بہ خيال نہ ٿيو تہ مان پئسا ڪنا ڪريان ۽ شاهوڪار ٿيان. شري ٽيڪچند هڪ ڏينهن مون کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ چيائين تہ ”وڏو وڪيل ٿيءُ ۽ مون سان وڪالت ۾ شامل ٿيءُ.“ مون چيو تہ ”سائين! مان اوهان جو شڪرگذار آهيان: پر منهنجي دل تہ ٻوڙي ٿي ٻيءَ طرح.“ مون کي ننڍپڻ کان فقيرن، درويشن جي واسطي پيار هو ۽ اُنهن جي سکيا جو اَثر مون

(١٠)

هِنان هلندين هيڪلو!

هن وقت مان پوني ۾ آهيان. هت آئي مون کي اَٽڪل ١٢ سال ٿيا. مان اِئين ٿو سمجهان ته هندستان کي ٻه ٽڪرا، - ڀارت ۽ پاڪستان، - ڪرڻ وڏي چوڪ هئي. هِت ڀارت ۾ رهي منهنجا وبچار وري وري پياري ۽ سنڌ ڏي ڊوڙي ويا آهن. سنڌ ۾ فقيرن ۽ درويشن جي سکيا جو اَثر مونتي ٿيو. اُن سکيا جو هڪ آواز هو ته ”هندو، مسلمان، اُوهين ٻئي هڪ ٻئي جا آهيو ۽ ٻئي هڪٻئي سان سات ملائي هڪ شيوا ۾ پنهنجي جيون سڦل ڪريو!“ اِن هندو مسلم ايڪتا ۾ ڪن راجنيتي اُکوانن اَچي ڀنگ وڌو ۽ سنڌ پياري ڀارت کان جدا ٿي.

مون کي اَجا اُميد آهه ته هڪ ڏينهن ڀارت ۽ پاڪستان، ٻئي هڪ ٿيندا. تنهن ۾ ٻنهي جو ڀلو آهه. ڪيترا دفعا مان شام جو پياري ۽ سنڌ جي طرف نهاري ڀاڻ کي چوندو آهيان ته جيستائين هي نيلا تڪر بينا آهن ۽ هي چمڪندڙ سِج روشن آهه، تيستائين مان اِن ايڪتا ۾ وِشواس نٿو ٽوڙي سگهان. سنڌ ۾ منهنجون اُميدوُن اَجا زنده آهن. شل اهو ايڪتا جو ڏينهن جلدي اَچي!

اَفغانستان ۾ ٻه هڪ شهر هٿ ڪري، اُن کي پنهنجي سلطنت ۾ چڱي جڳهه ڏني. اُن شهر جو نالو هو ”قنڌار“. قنڌار شهر سڪندر کجهه قدر نئينءَ طرح ناهيو. پر سڪندر جو سپنو سڦل نه ٿيو. مون تواريخ ۾ پڙهيو ته سڪندر ڪانپوءِ اِهو شهر ۽ سنڌ جا ڪي شهر هڪ ٻئي جي هٿ ۾ ٿيا. اُن جو نالو هو ”نادر شاهه“. اِن نادر شاهه لاڙڪاڻو فتح ڪيو ۽ اَفسوس! ڪيترن ئي پيئرن ۽ پائرن جو قتل ڪرايو. جڏهن مان پهرين لاڙڪاڻي شهر ۾ ويس، تڏهن مون وٽ اِن شهر جا گهر ڏٺا ۽ دڪان ڏٺا. مون ڪيترا متيءَ جا گهر ڏٺا ۽ مون کي يادگيري آئي ته ڪيئن نادر شاهه اَچي لاڙڪاڻي تي حملو ڪيو ۽ منهنجي سنڌي پائرن پينرن کي قتل ڪيو ۽ دڪانن، بزارين ۽ گهرن کي ڊاهي نابود ڪيو.

تواريخ ٻيون ڪيتريون ڳالهيون ٻڌائي ٿي، جي پڙهي مونکي ڏاڍو دڪ ٿيو ۽ منهنجي دل ۾ جنگ لئه نفرت پيدا ٿي. ڪيترا دفعا مان سانت ۾ ويهي پڇندو آهيان:- ”اِهي جنگيون ڪڏهن نابُود ٿينديون؟“ اَجا ته جنگيون هلن پيئيون وڏي پئماني تي. خوفناڪ جنگيون بمگولن سان شهرن کي ناس ڪن ٿيون. هن وقت مان سمجهان ٿو، اِهو پيغام ضروري آهه:- ”اُٿو! جاڳو! جنگيون بند ڪريو! نه ته ملڪ برباد ٿيندا.“

تي گهڻو ٿيو. اَڄا تائين مان روحل فقير جو گيت اُچاريندو آهيان:

’’هتان هلندين هيڪلو، توکي ڳالهيون گهرجن چار:
چئني جو سؤدو ڪرين: تون دل اَندر ۾ ڏار
هڪ ثابوتي سچ جي، ٻي پريت پرين سان پاڙ
ٽيجو ره تون ٻوَ ۾، چوٿون غريبي ڏار
تہ دوستن جي دربار، ڪان روُحل ويندين ڪين پري.‘‘

’’غريبي ڏار!‘‘ غريبي کاڌي پيتي ۾، پوشاڪ ۾، هلت چلت ۾، رهڻي ۾، ڪم ڪار ۾، ۽ دل جي ڀاوَ ۾.

منهنجي ڏينهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هندوُ مسلم تڪرار ٿيندا هئا: پر مان ننڍپڻ کان مسلمانن کي پنهنجو متر ڪري سمجهندو هوس. منهنجو پهريون اِسڪول، جنهن ۾ مون سنڌي سکيا ورتي، سو ’’چاڙهي‘‘ تي هو ۽ چاڙهيءَ جي هڪ ٽُڪري ۾ شيدي رهندا هئا. اِهي شيدي مَلهڻ ۾ هوشيار هوندا هئا ۽ مان وقت بوقت انهيءَ ميدان ۾ مَلهوُن ڏسڻ ويندو هوس ۽ ڏاڍو خوش ٿيندو هوس. مَلهن ۾ هندوُ ۽ مسلمان شامل ٿيندا هئا.

جڏهن وڏو ٿيس، تڏهن تواريخ مان مون کي معلوم ٿيو تہ ڪئن نہ سڪندر بادشاه هندستان تي ڪاهي آيو. سڪندر چاهيو ٿي تہ هڪ وڏي سلطنت ناهيان، جا روم کان هندستان تائين هجي، - هڪ سلطنت سڪندر جي هيٺ. اِن ويچار سان سڪندر بادشاه ٺٽي تائين ويو ۽ ٺٽو فتح ڪيائين. ٺٽو تن ڏينهن ۾ وديا جو مرڪز هو. اُت اِسڪول ۽ ڪاليج هئا ۽ هڪ وڏي يونيورسٽي هئي. ٺٽي ۾ براهمڻ، مسلمان ۽ مُلا هئا، جي وديا ۾ هوشيار هئا.

جئن سنڌ ۾ ٺٽو هڪ وڏو مرڪز هو، تئن سڪندر بادشاه

پنهنجو پاڇڻ شروع ڪريان ٿو. تنهن کان اڳ هڪ پيارو پاءُ مون کان سوال پڇي ٿو. مون کي چوي ٿو:- ”تون ٻڌاءِ: تون ڪير آهين؟ اسان تو بابت ٻڌو آهه، اسين ڪجهه قدر توکي سڃاڻون، اسان تنهنجون ليڪچرس ٻين هنڌن ٻڌيون آهن: پر اڄ ٻڌڻ ٿا چاهيون تنهنجي مکه مان تہ تون آهين ڪير؟ ۽ اسان وٽ هن وقت حاضر ڇو آهين؟“

تڏهن مان اِن سنگت اڳيان سر جهڪايان ٿو ۽ کين چوان ٿو:- ”پيارا پائرو ۽ پياريون ڀينرون! مان آهيان اِڪ هاري، اِڪ ڪڙمي! ۽ اوهان وٽ آيو آهيان ٻج ڇٽڻ واسطي!“

اڄ وري منهنجي دل جي اندر اِهو ويچار تہ مان آهيان اِڪ هاري! ۽ اسان جي پياريءَ سنڌ جي درويش، فقير جا ڪي اکر اچي منهنجي اندر ڪليا. اِهو فقير، اِهو درويش، جنهن کي هڪ ڏينهن، مان سمجهان ٿو، دنيا قبوليندي تہ آهي دنيا جي وڏن شاعرن مان هڪ شاعر: هڪ ڏينهن، شل اُهو ڏينهن جلدي اچي، جڏهن لوڪن کي پروڙ پوي تہ سنڌي ٻولي ڪا معمولي ٻولي نہ آهه. هن سنڌي ٻوليءَ ۾ آهن جواهر، آهن هيرا، رتن: هن سنڌي ٻوليءَ ۾ آهه خزانو، جنهن خزاني جي گهرج سڄي دنيا کي آهه، سڀن پرانتن کي آهه: نہ فقط ڀارت جي پرانتن کي، پر ڀارت کان ٻاهر ولايت جي ملڪن کي، اِن خزاني جي ضرورت آهه، جو هن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ لڪل آهه.

اِهو درويش، فقير، اِهو سنت ڇا ٿو چوي هڪ گيت ۾؟

”منجهہ رهي ملير، هاري مون ڪوہ ڪيو؟“

هنن اکرن جي معنيٰ ڇا آهه؟ مان ملير ۾ رهيو آهيان ڪيترو

(11)

اُٺ جاڳ چوڪيدار

اَڄ هن وقت منهنجي دل ڪجھ پريل آھ. ۽ جيڪر سانت ۾
توهان جي چرنن ۾ سر جھڪائي پنهنجي اَندر وڃي وهان! اَڄ
ڪيتريون نہ يادگيريون منهنجي دل اَندر اُٿن ٿيون! ڪيتريون
يادگيريون، جن جو ذڪر مان نٿو ڪري سگهان. ڏينهن جي ڪم
ڪار ڪانپوءِ هن وقت ٿڪل آهيان، ڏاڍو ٿڪل! سرير جو هڪ هڪ
عضوو ٿڪل! اَوهان کي ڇا چوان؟

هڪ يادگيري منهنجي اَکيان اَڳيان بيهي ٿي وري وري. ڪيترا
سال ٿيا مان ڏکڻ هندستان ۾ ويس. ئو هڪ ڏينهن مدراس ۾
منهنجي لئہ هڪ ميٽنگ ڪيائون. اُت مان ويس. اُن وقت منهنجي
سرير جي صحت بهتر هئي. اُن وقت مون کي طاقت هئي. سائين
مون کي پنهنجي ڪرپا ۾ شڪتي ڏني ۽ اُن وقت مائڪروفون
ڪانسواءِ بہ ڳالهائي سگهيس ٿي. پري پري وڏن هالن ۾ منهنجو
آواز پهتو ٿي؛ پر هن وقت منهنجو آواز ننڍڙو آھ، پڳل آھ، پر
اِن آواز ۾ آھ دل جو درد، پياس جي پڪار!

مدراس شهر ۾، اِڪ وڏي ميدان ۾ مان آهيان. پوءِ مان

منهنجو گهر تہ آهي تنهنجي ڪمل چرنن ۾! منهنجو گهر هتي نہ آهي.

My home is not here! My home is at thy lotus feet! Bless me!

تنهنجي ڪمل چرنن ۾ منهنجو گهر آهہ. مونکي آسيس ڪر!''

۽ اَڄ اَوهان سين جي اَڳيان، اَوهان جو داس تِي، سين جي چرنن ۾ سر جهڪائي ساڳِي پرارٿنا ڪريان ٿو:- ''پيارا پائرو! پياريون پينرون! مونکي توهين بہ آسيس ڪريو!''

مان اِڪ هارِي آهيان: اِن ويچار منهنجي دل اَندر اَهڙو اَڇي مونکي قابو ڪيو، جو اِڪ ڏينهن منهنجو هٿ هلڻ لڳو ۽ مون هڪ گيت لکيو جو پوءِ ڇپايو ويو. اَڄ جيڪر ٽڪڙو ٽڪڙو توهان کي اِهو گيت پڙهي ٻڌايان، جنهن ۾ منهنجي جيون جي هڪ روپ جو ذڪر ٿيل آهہ:-

''هن بي بقا جي کيت ۾، اَتيئي کيتي تو ڪرڻي!''

توکي کيتي ڪرڻي آهہ. تون هارِي، تون زمين پوکيندڙ، توکي کيتي ڪرڻي آهہ:-

''نہ تنهنجِي پوکہ ڪري ڪو ناس،
سنڀالين جي پنهنجِي رهڻي!
اُٿ جاڳہ چوڪيدار!''

ڪوئِي تنهنجو کيت ناس ڪري نہ سگهي. تنهنجو سرير ڪمزور، تنهنجو ٻل گهٽ، تنهنجِي طاقت گهٽ! تنهنجا گڻ گهٽ: اَوگڻن سان پرپور تون: گناهن جِي مٽِي چڙهيل توتي، تنهنجي ڪنڌ تي، تنهنجي پيرن تي، تنهنجي اَندر: پر ڪوبہ

وقت: ملير ۾ رهي، - مان هاري، مان اِڪ ڪڙمي، - مون ڪوه ڪيو، مون ڇا ڪيو؟ منهنجا ڪرتوت ڪهڙا؟ منهنجا ڪم ڪهڙا؟ منهنجا ڪرتوبہ ڪهڙا؟ منهنجي روز بروز جي جيون ڪهڙي؟ مان اِڪ هاري، اِڪ ڪڙمي: ملير ۾ مون ڪي پنهنجي ناڪر، پنهنجي صاحب رهايو آهہ ڪيترا نہ سال! پر اِهي سال رهي، مون ڇا ڪيو آهہ؟ وري وري اِهي اُڪر منهنجي دل جي اَندر آيا ۽ وري وري منهنجي اَکين ڳوڙها ڳاڙيا آهن!

"منجهہ رهي ملير، هاري مون ڪوه ڪيو؟"

مون ڇا ڪيو؟ جڏهن پنهنجي زندگيءَ جو ويچار مان ڪريان ٿو، تہ وري وري سوال پيو پڇان مون ڪوه ڪيو؟ مون ڇا ڪيو؟

هڪ ڳالهہ مون زندگيءَ ۾، پنهنجي جيون ۾ وري وري پڪڙي آهہ. ڪيترا دفعا مان پنهنجي پريوءَ ڪان پري رهيو آهيان؛ ڪيترا دفعا مان سنتن ۽ درويشن ۽ فقيرن جي سنگہ ۾ رهي، تن ڪان پري رهيو آهيان؛ ڪيترا دفعا مان آدرش ڪان پري رهيو آهيان. مان گنهگار: پر هڪ ڳالهہ مون پڪڙي آهہ: سا ڪهڙي؟ تہ منهنجو گهر هِتي نہ آهي! منهنجو گهر هِتي نہ، - نہ هنن جڳهين ۾، نہ سنساري پدارٿن ۾، نہ سنسار جي خوشين ۾! منهنجو سچو گهر، نج گهر هِتي نہ آهي، منهنجو نج گهر آهي ٻئي هنڌ!

اِهو ويچار سالن ڪان منهنجي جيون ڪي پڪڙي بيٺو آهہ. اِها پريوءَ جي ڪرپا آهہ. سالن ڪانوني اِن ويچار جو مون وري وري اَڀياس ڪيو آهہ. ۽ اَڀياس ڪري ڪري مون پاڻ ڪي چيو آهہ ۽ هينئر اَچ وري وري پاڻ ڪي چيو اَٿم: جڏهن گرو نانڪ ديو جن جا پوتر ڏينهن نزديڪ اَچي ٿو، مون وري وري چيو آهہ: - "گرديو

(۱۲)

ڏيو! ڏيو! ڏيڻ سکو!

ماں پيو پاڻ کان پڇان ٿو ته هن وقت اَوهان کي ڇا چوان منهنجو سرير ڪمزور آهي: منهنجا اکر پڳل آهن. اَوهان سڀن جي چرنن ۾ سر ٿو جُهڪايان ۽ اَوهانکي چوڻ ٿو چاهيان ته مان شڪرگذار آهيان، سڀن جو شڪرگذار. وري وري جيڪر اِهو اکر اُچاريان، وري وري جيڪر مان چوان:- ”مان شڪرگذار! مان شڪرگذار!“ اِئين چئي پوءِ وڃي ماٺ ۾ وهان.

هن ڏينهن مان چاهيان ٿو ته جيڪر سانت ۾ هجان! سانت لئه مونکي پيار آهي ننڍپڻ کان وٺي. مان مئٽريڪيوليشن ڪلاس ۾ هوس ته ڪن کي ويچار ٿيو ته جيڪر منهنجو فوٽو ڪڍن. ماڻهن جو ميڙ ٿيو ۽ جڏهن مون ماڻهن جو ميڙ ڏٺو، مونکي اَلائي ڇا ٿيو. مان کسڪي ويس! جت ميڙ آهي، اُت منهنجي رچي ناهي. اَڄ سڄو ڏينهن صبوح کانوٺِي هن وقت تائين گوڙ پئي واڪا ڪيا آهن. گوڙ ئي گوڙ! مان سمجهان ٿو ته اِن گوڙ جي پنيان پيار آهي، محبت آهي، جنهن جي مونکي لائقي ڪانهي. جيڪر سانت ۾ وقت گذاريون. گڏجي گڏجي سانت ۾ وقت

تنهنجو کيت ناس ڪري نٿو سگهي.

”اُٿ جاڳ چوڪيدار!“

اَڄ منهنجو نياپو، منهنجو سنيهو اَوهان سڀن کي هنن اکرن ۾ آهي:-

”اُٿ جاڳ چوڪيدار!“

ننڊ ۾ رهيا آهيو؛ غفلت ۾ رهيا آهيو، سُتل رهيا آهيو ڪيترو وقت؛ اُٿ جاڳ چوڪيدار!

”دنيا سان رک پلي ناتو،
پر نام، پيارا! نا وسار!“

فقير ٿي، پر سچو فقير ٿي! جئن گرو نانڪ ديو جن سچ فقير هئا، تئن شل تون بہ ٿين سچو فقير! دنيا سان پل ناتو رک، پر نام پيارا! نہ وسار! نام کي نہ وسار!

”پائي پيرن تي نينهن نوُرا،
پيئہ پيالو ۽ پيئار!
اُٿ جاڳ چوڪيدار!

هٿ هٿ ۾ ڪام ڪام،
پر دل جي اَندر نام نام!
سياڳي پوکہ تنهنجي سا،
اَچي نوُري مشڪي مکڙو شيام!
اُٿ جاڳ چوڪيدار!“

شيام جو ڪمل مکڙو شل تو ۾ مشڪي! اُٿ جاڳ چوڪيدار اُٿ جاڳ چوڪيدار!

ٻالڪِي آهه ديوي. اِڪ اِڪ آهي فرشتو. اُنهن فرشتن جو جيڪر اَوهين درشن ڪريو. هي ٻالڪ ٻالڪيون منهنجو درشن ڪن ٿا ۽ ڏاڍو خوش ٿين ٿا. اِن ڪري هنن ٻالڪن ٻالڪين کي مون لئہ پيار آهہ.''

هڪ بزرگہ ڀاءُ اُٿي بيهي ٿو. سندس عمر وڏِي. هي شاهوڪار هو. هي اُٿي بيهي هن پياري جي چرنن ۾ وينتي ڪري ٿو:- ''سائين! اَوهان جي پوتر جنم دن اَسين ڇا ڪريون؟ سانت ۾ رهون بيشڪ. ٻيو ڪهڙو شيءِ ڪم ڪريون؟''

هي پريوءَ جو پيارو سچيءَ سنگت اڳيان سر جهڪائي ڇا ٿو چوي؟ ''توهين پڇو ٿا:- 'سائين! ڪم ڪهڙو ڪريون؟' دنيا ۾ ڪيترائي ڪم آهن.'' ''سائين! ڪرپا ڪري ٻڌايو تہ ڪهڙو ڪم ڪريون، جو توهان کي پسند آهہ؟'' هي پيارو ڇا ٿو چوي؟ نهاري ٿو، سڀن کي نهاري ٿو. آلين اکين سان نهاري ٿو. عجيب پيار رکي سڀن کي نهاري ٿو. خاص ڪري ننڍن ٻالڪن ٻالڪين کي نهاري ٿو. اِهو هن جو نيم هو تہ جڏهن سنگت ۾ اَچي، تڏهن پهرين ٻالڪن ٻالڪين کي نهاري. هن پياري جا شش چون تہ اَسان کي نهاري. پر هي پيارو پهرين نهاري ٻالڪن ٻالڪين کي. اُنهي کي نهاري پوءِ ڀاشڻ شروع ڪري. چويٿو:- ''منهنجا پيارا ڀائرو! منهنجا شاهوڪار ڀائرو! منهنجا غريب ڀائرو! منهنجون ڀينرون شاهوڪار ۽ غريب! ڪم، جو مونکي پسند آهہ، سو اَٿو هِي:- 'ڏيو! ڏيو! ڏيو! ڏيندا ڪريو! ڏيڻ سکو! ڏيڻ سکو! ڏيندا ڪريو!'''

تڏهن وري هن ڪان سوال پڇن ٿا:- ''سائين! اِهو ڪم توهان

گذاريون ۽ هري نام ڪيرتن ڪريون!

اَڄ جيڪر توهانکي ٻڌايان تہ هڪ ستپرک پنهنجو جنم ڏن ڪئن گذاريندو هو. اَلائي ڪير هو؟ اِڪ پريوءَ جي پياري جو ذڪر منهنجو گروُ مون سان ڪندو هو. اَلائي ڪير هو؟ سندس اکين ۾ اَلائي ڪير ٻئي چمڪيو؟ سندس اکرن ۾ اَلائي ڪنهن تي ڳالهايو؟ عجيب انسان هو. ست لوڪ مان آيو. اُن پياري جو جنم ڏن ڪئن ملهائيندا هئا؟ ڪي ڪلاڪ صبوح جو سانت ۾ وهندا هئا. سندس وٽني نہ منهنجي سانت ۾ پنگہ نہ وجهو. هن ڪان سوال پڇن ٿا:- ”سائين! پنگہ ڪئن تو ٿئي“ چوي ٿو:- ”ڪيترن ئي ڳالهين ڪري سانت ۾ پنگہ ٿئي ٿو. پر هڪ مکيہ ڳالهہ هيءَ تہ جڏهن ٻئين جون ڳالهيون ٿين، تہ سانت ۾ پنگہ پوي.“ اُن ڏينهن سانت ۾ ڪي ڪلاڪ وٺي ٻاهر نڪري ٿو. پائر پينر پيا هن ڪي نهارين ۽ هي ٻيو ڪين نهاري. هن جي اکين ۾ ٻوڙها. پيار هن جي اکين ۾ ۽ هن جي اکرن ۾!

هن جي دل اَندر عجيب پيار هو! ۽ پيار جي ساکي ڏين ٿا ٻالڪ، ننڍا ٻالڪ، ننڍيون ٻالڪيون. هڪ ڏينهن ڪي هن کان سوال پڇن ٿا:- ”سائين! ننڍا ٻالڪ ۽ ننڍيون ٻالڪيون توهانکي هيڏو پيار ڇو ٿا ڪن؟ توهين رستي تي هلو تہ ٻالڪ ٻالڪيون ڊوڙندا اَچن، اَچي سر جهڪائين، چون:- ’آسيس ڏيو! آسيس ڏيو!‘ عجيب توهان جي هستيءِ: سبب ڪهڙو؟“

تڏهن هيءِ ڇا تو چوي؟ چويٿو:- ”هن دنيا ۾ ماڻهو گهڻا آهن، پر مان اَچان تو اُن ٻيءَ دنيا مان، جنهن ۾ ٻالڪن ٻالڪين لئہ عجيب پيار آهہ، ڇو تہ هڪ هڪ ٻالڪ آهہ ديوتا، هڪ هڪ

نندِي ٻالڪي آئِي آهه، تہ اُنهن کي ٻيٽو ڏيندو هو. اُنهن کي ڪوني ڪين پانئيندو هو ۽ اُنهن کي چوندو هو:- ”مون سان گڏ وهو ۽ ويهي کائو.“

اَوهين بہ جيڪر اِئين ڏيئي سکو. ڏيو! ڏيو! ڏيو! اِئين ڏيئي سکو! ۽ مونکي آسيس ڪريو تہ مان بہ شل اِئين ڏيئي سکان. منهنجي دل جي اَندر اِئين ويچار آيو تہ جيڪي مونکي ڏيو ٿا، سو مان سڀ غريبن کي ڏيئي ڇڏيان، ڇو تہ ڏيندڙ توهين آهيو. تنهنڪري توهان جي موڪل وٺڻ ٿو چاهيان. منهنجي ٻِئي دل اَندر اَتو هي ويچار وري آيو:- ”غريب، دکي، اُنهن کي ڏيون، جيڪر ڏيندا رهون!“

اَڄ ڪي پائر، ڪي پينر آيا: مونکي اَچي ڪپڙو ڏنائون. مون چيومان:- ”مونکي موڪل ڏيو تہ مان سڀ ڪپڙا غريبن دکين کي ڏيان.“ مونکي چيائون:- ”نہ. اَسان هي ڪپڙا تنهنجي پائڻ لاءِ آندا آهن.“ مون ويهي ڪِليو. منهنجي دل اَندر اُٿيو ويچار تہ جيڪي اَسان کي آهہ، اُنهن تي پهريون نمبر حق آهي پسن پڪين جو. ۽ ٻيو نمبر حق آهي غريبن دکين جو. شل مان ڏيان ۽ ڏيئي غريبن دکين جي چرنن ۾ سر جهڪايان. ڪيترا دفعا منهنجو گروُ لوٽي ۾ پاٽِي کڻِي، ان پاٽِيءَ سان غريبن دکين جا پير ڌوئندو هو ۽ اُنهن جي آسيس وٺي پوءِ کين ڏيندو هو.

وڏيڪ چوڻ جي ضرورت ڪهڙي؟ منهنجي جيون جو آدرش اَتو هن اِڪ اکر ۾:- ”ڏيو! ڏيو! ڏيو!“ غريبن دکين جي چرنن ۾ سر جهڪائي ڏيو، ڏيو، ڏيو، تہ لهو، تہ توهان جي عزت ٿئي، توهان تي آسيس ٿئي!

کي سين کان وڏيڪ پسند آهہ: سبب ڪهڙو؟'' هي پيارو چوي ٿو:- ''ڏيڻ سکو، جو تہ دنيا اُتو دکي. مها دکي اُتو دنيا. دنيا وچاري ڏسي ٿي تہ اَسين تڪليف ۾ آهيون ۽ روز پيئي دنيا اڪيون ڪٽي نهاري. غريب پائر، غريب پينرون وري وري پيبون چون:- 'اَسان کي ڏيو! اَسان کي ڏيو! اَسان کي ضرورت آهہ.' '' تنهن ڪاپوءِ هي سنپرڪ سانت ۾ وجي، وري چوي ٿو:- ''اَجوڪو ڏينهن سڦل تڏهن ٿيندو، جڏهن جيڪي توهان کان پڇي، سو غريبن دکين جي شيوا ۾ ڏيو. هڪ اڪر اُتو ست لوڪ جو، هڪ اڪر اُتو الڪ ڌام جو، هڪ اڪر اُتو هڪ هڪ ستپرڪ جو، سو هي:- 'ڏيو! ڏيو! ڏيو! جيڪي توهان کي آهہ، اُن مان ڏيو، ڏيو، ڏيڻ سکو!' اکين ۾ پاڻي آڻيو. دل جي اَندر محبت، پيار رکي، ڏيڻ سکو. بي ڪا لالچ نہ رکو. ڏيڻ سکو، ڏيڻ سکو ۽ ڏيئي سندن چرنن ۾ سر جهڪايو!''

منهنجو پيارو گروُ ڪلڪتي ۾ مونکي مليو. ودوان هو. آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جو هن اِمتحان پاس ڪيو. هوشيار هو، ودوان هو. پر هن کي ڏسو ڪپڙا ڪاڌيءَ جا. سادا ڪپڙا. رهي ڪٿي؟ پت تي سمهي. کائي ڪٿي؟ چوي، مون لاءِ جدا نوڪر نہ هجي. مان بين جي کاڌي مان حصو وٺندس. سندس جيون سادگيءَ جي ۽ نماڻيِ! منهنجو گروُ ڇا ڪندو هو؟ ڏيندو هو. سندس نيم هو ڏيڻ. غريبن دکين کي روز ڏئي. پر ڪٿي ڏيندو هو؟ غريب، دکيءَ جي چرنن ۾ سر جهڪائي، اُن کي چوي:- ''پيارا! آسيس ڪج! آسيس ڪج!'' اِئين چئي پوءِ هي عجيب اِنسان، - منهنجو گروُ، - غريبن کي دان ۾ ڏيندو هو. ۽ جڏهن ڏسندو هو تہ ڪو ننڍو بالڪ، ڪا

(۱۳)

گلُ سوُنهاريِ جو آواز!

مون کي هڪ ڏينهن جي يادگيريِ اَچي ٿي. ڪيترا سال اُن کي ٿيِ ويا! اِڪ نرمل ٻالڪيِ مون وٽ آئيِ. مون کي چيائين:- ”مون کي تون ڪجهه ڏي!“ مون چيومانس:- ”توکي ڇا کپي؟ مون کي ٻڌاءِ.“ مون کي اِڪ باغ ۾ وٺي هلي ٿيِ. اِن باغ ۾ گل آهن. سندر گل اُپريا پيا آهن. سهڻا، نماڻا گل! ۽ اُنهن گلن ڏانهن نهاري هيءَ ٻالڪيِ مون کي چوي ٿيِ:- ”نهار! هنن گلن ۾ اَٿيئيِ هڪ گل، اُهو ڪٽيِ مون کي ڏي. ٻيو ڪجهه مون کي نہ کپي. ڏي مون کي اِڪ پشپ، اِڪ گل!“

مان چوانس ٿو:- ”ڪهڙو گل؟ ڪهڙو پشپ؟“

اَسان جيِ گفتگوُ اَنگريزيءَ ۾ ٿئي ٿيِ، ڇو تہ هيءَ ڇوڪريِ اِنگلستان جيِ هئيِ ۽ انگريزيِ ڄاڻنديِ هئيِ. مون کي چوي ٿيِ:- ”اَسان جي ٻوليءَ ۾ اِن گلَ جو نالو آهي:- 'Forget-Me-Not!'“ اِنهن اکرن جي معنيٰ ڇا؟ هيءَ نرمل نياڻي چوي ٿيِ:- ”اِن گل جو نالو آهي:- ”مون کي نہ وسار! نہ وسار!“

وقت بوقت اِها ڳالهہ مون کي دل جي اَندر ياد اَچي. سويل صبوح جو مان پنهنجي پوُڄا پرارٿنا ۾ وهان، اُن وقت مان دروازو کولي سڄ اڳيان سر جهڪايان، سوُرج جو درشن ڪريان، سڄ جي آسيس وٺان. سڄ ڏي نهاريان: وريِ وريِ نهاري، پوءِ وڃي وهان سانت ۾، ڌيان ۾، پنهنجي ڪم ڪار ۾. ۽ جنهن وقت مان سڄ

مان ننڍو ڇوڪر هوس. ڪاليج ۾ پڙهندو هوس. اُن وق
منهنجي عمر ننڍي هئي. اِڪ ڏينهن بيٺو آهيان. اِڪ مندر ج
ٻاهران اَچي تي هڪ فقيرياڻي. مونکي ڇا تي چوي؟ مونکي چو
تيِ:- ”جيڪر مونکي ڏين.“ مان پڇانس ٿو:- ”توکي ڇا کپي؟
تڏهن هيءَ فقيرياڻي نهاري تي منهنجي ڪوٽ ڏي. ۽ مونک
چوي ٿيِ:- ”جيڪر هيِ ڪوٽ مون کي ڏين!“ مان چوانس ٿو
”حاضر! تون آهين منهنجي شيام سندر جو روُپ. هي ڪوٽ و
تون ۽ مونکي آسيس ڏي.“

منهنجي پڳل دل اَندر اَٿو ڇير ڇير، ڇو تہ ويچارا غريب
دکي، مسڪين، تن جي پوري سنڀال نٿي ٿئي. شل توه
منهنجي هٿ پختا رکو! شل مونکي آسيس ڏيو! ۽ شل اَوهان س
تي آسيس چمڪي، سائينءَ ستگر جي آسيس چمڪي؛ منهنج
گرديو،- گروُ نانڪ ديو جن جي آسيس توهان سڀن تي چمڪ
چمڪي، چمڪندي رهي!

مان ڪير آهيان؟

اَوهين مون بابت پيا جيڪي تہ سمجهو،
سو مان ڪين آهيان:
ڪامِي، ڪروڌِي، اَيماني مان:
بار بدين جو ڪئن لاهيان؟
ڪسيءَ ۾ ڪِريل مان:
وڃايل، پر اُڃايل پياسِي!
ڪئي سنتن ڪرپا: اِڪ ڏينهن نهاريائون:
ڪيائون در جي داسِي!
هاڻ اَتم ڪم ههڙو:
سنتن جي در تي آهيان اِڪ مزوُر!
پيو ٻهارِي ڏيان: پيو پاڻِي ڀريان:
پيو ڪڏهن نهاريان ضروُر!
هن وقت بہ اڪيون ڀريل آهن:
ناپاڪ اکين ۾ اَتم پاڪ پاڻِي:
هِي مڪڙو بہ مئلو: پر اُڇاريان پيو
وَرِ وَر سنتن جِي ٻاڻِي:
هجان شال هردم تنهنجي روُبروُ!
حاضران حضوُر! تنهنجي حضوُر ۾
منهنجو شان، منهنجِي آبروُ!
هجان شال هردم تنهنجي روُبروُ!

ڏي نهاريان، اُن وقت وري وري اِهي اکر دل جي اَندر اَچن:-
”نہ وسار! نہ وسار!“ ڪنهن کي نہ وسار؟ مان سمجهان چنڊ تہ
سوُرج منجهان مون کي اَچن پيا اِهي اکر، اِهو آواز:- ”نہ وسار!
نام نہ وسار! پريوُ نہ وسار! پنهنجو محبوُب نہ وسار!“
وري رات جو سمهي پوان، ۽ ٻيا بہ سمهي پون. پوءِ مان وچ وچ
۾ ننڊ مان اُٿان، اُٿي ساهيو دروازو کوليان، کولي نهاريان، تارن
ڏي نهاريان، ڇو تہ مون کي تارن جي آسيس بہ کپي. فقط سج جي
نہ، پر چنڊ جي آسيس بہ کپي. اُن وقت مان نهاريان: نهاري
نهاري تارن جي سوُنهن ڏي ۽ چنڊ جي چمڪي ڏي، مان دل جي
اَندر ڇا چوان؟ ان جو ذڪر اَوهان سان ڪيئن ڪريان؟ پر اُن وقت
بہ ڪڏهن ڪيترا دفعا اِئين سمجهان تہ تارا پيا مون کي
چون:- ”نہ وسار! نہ وسار!“ سج جو منتر منهنجي واسطي اِهو:-
”نہ وسار! نہ وسار!“ تارن ۽ چنڊ جو منتر بہ ساهيو:- ”نہ وسار! نہ
وسار!“ اَوهان کان اِهو گل مان گهران ٿو. پئسو پدارٿ توهين ڏيو
ٿا: مهرباني! پر منهنجي دل جي پياس اَٿو ٻي. اُڪير، اوُنهي
اُڪير منهنجي دل اَندر: اُهو گل مون کي ڏيو، اُها شئہ مون کي
ڏيو. اَوهين سڀئي مون کي ڏيو نرمل گل، سوُنهن وارو گل، جنهن
جو آواز آهي، جنهنجي پڪار آهي:- ”نہ وسار! نہ وسار!“
شل هي آواز، هن وقت جو آواز، اَوهان مان ڪن جي دلين
اَندر گهڙي وڃي! منهنجي ٻالڪي! نہ وسار! منهنجي ڀيڻ! نہ
وسار! منهنجا پيارا ڀاءُ! نہ وسار! ڀائرو، ڀينرون! نہ وساريو! نام نہ
وساريو! پنهنجو مانڪہ جنم سڦل ڪريو!
شل اَوهان تي آسيس اَچي! سج جي آسيس، چنڊ جي آسيس
تارن جي آسيس، منهنجي محبوب جي آسيس اَوهان تي چمڪي
چمڪي، چمڪندي رهي!

R.N.I.MAHSIN/2001/6085

PNCE/172/2006-2008

هن بي بقا جي باغ ۾!

گهمي موهن چمن ۾، گهڻا سي بيکه پاتاسين!
وڄائي محب جون مرليون، گهڻا سي گيت ڳاياسين!
ڪڏهن باغن جي بلبلين ۾ ويهي باتيون ڪيونسين ڪي،
ڪڏهن تارن ويهي هينان، دوُنهان سي درد دکاياسين!
ڪڏهن پوشاڪ سهڻي سا سڄڻ صاحب جي ئي صدقي،
ڪڏهن هي رنگہ پيوتي آ! لڱن تي ئي لڳاياسين!
ڪڏهن ويهي تہ تختن تي ڪئيسين جا حڪمراني،
ڪڏهن منصوُر مستيءَ ۾، سوُليءَ تي سِر چڙهاياسين!
ڪڏهن سڪ سندا سرندا ڳائي ڳائي،
گهڻا سي گهوٽ گهاياسين!
جهلڪ ۾ يا اَميريءَ جي فلڪ ۾ آ!
فقيريءَ ۾ وري ڪڏهن پنهنجا روُحرا ريجهاياسين!
عجيبن جي عرش ۾ چڙهي آ! نوُرِي نماڻي!
وري هِت فرش تي آ! فنادي ملڪ آياسين!